# ڪشمڪش

## (سنڌي ڪهاڻيون)

# Kashmakash

Short Stories in Sindhi

ليکڪ : اُتم

A. J. Uttam

قيمت رواجي جلد ٽي رپيا

[ڪتاب ٽيتاليهون]

[مئي ۱۹۷۱

نئين دنيا پبلشرس
پي-۹ هيرالڊ مينشن،
سيتلا ديوي ٽيمپل روڊ،
مهيم، بمبئي-۱۶.

# ڪشمڪش

"هي ڇا؟ نہ ڏينءَ نہ ويڻ، نہ هڪل ڪيائين نہ موڪل ورتائين، نہ در ڪڙڪايائين، نہ گهنٽي وڄايائين."

"پر هتي نہ نہ ٿنهنجو گهر آهي، نہ در آهي. ڪليل رستي لي ڪير گهڙو اطلاع ڏئي، ڪهڙي اجازت وٺي!"

"چو نہ؟ جتي مان ٻيئو آهيان، اهو منهنجو ئي گهر و آهي. اُٻر ٻيو ڪو ڪيئن پير پائي ٿو سگهي؟"

"چو نہ پائي؟ ٽون ڪهڙي سيتا ماتا آهين، جنهنجي گهيري ۾ ڪو ڏاوڪ نہ گهڙي؟"

"هتي هرڪو سيتا ماتا وانگر، ليڪ اندر ٻيو هاي. هي راوڻ منهنجي گهيري اندر چو گهڙي آيو آهي؟"

"ٿنهنجي اندر ۾ سو راوڻ گهڙي آيو آهي."

"اندر ۾ راوڻ هجيم ها نہ هنکي هيڏو وڏو ٻيئل ڏسي نہ مان ۾ نہ ٻيئو هجان ها."

"مان ۾ ڪٿي ٻيئو آهين؟"

"ڪيئن نہ؟"

"پنهنجين اکڙين کان پڇ، گهٽا دفعا گهوريو اڻ هنکي."

"اکڙين نہ فقط آئي جو آدر ڪيو آهي."

"اهو پاڻ نڱڻ آهي."

"سو وري ڪيئن؟"

"هرڪنهن مرد لاءِ ٽئين جوان ليندڙ هڪ شڪار هوندي آهي."

"هرڪنهن مرد لاءِ نہ، پر هر شڪاريءَ لاءِ ڇڏ ۽ مان شڪاري ناهيان."

"تون ڪو اَناڙي آهين."

"شڪاري بڻجڻ ۾ ڪهڙي سوڙهياڻي آهي، شڪاري ٿي هڪ عورت جي مجبوريءَ جو فائدو ونان، اُنکان بهتر آهي تہ اَناڙي ٿي هجان."

"اڙي پاڳل! تون سمجهين ٿو تہ هوءَ ڪنهن مجبوريءَ کان، تو سان ڏڍ اڇي ٻيني آهي؟"

"ڏڍ ڇا؟ هن، اوڇتي آيل چوماسي جي وسڪاري ۾ پسي پٽ ٽيڻ بدران ڪي تہ ڇٽيءَ ۾ اڇي اجهو وڻتو آهي."

"ڇڻ ڏڍ و ٽوڙو ڪيو اٿس."

"هن ڏڍ و ٽوڙو ڪيو آهي يا نہ، پر گهٽ ۾ گهٽ مونکي شرف ضرور ڏنو اٿس."

"شرف!... ها... ها... ها... سو پلا ڪيئن؟"

"ڪلي اٿين ٿو، ڇڻ کا ڪيپ ڪٽي اڇيٽي. ڏس تہ سامهون ٻيٽل مردن جون ايڪا ڌڙيون اکيون، مون ڏانهن حسرت ۾ نهاري رهيون آهن. وات اٿين قائي وڃ

اڻن، جڳ کو سندن گرهہ کسجي وٻو آهي. هوءَ منهنجي چٽيءَ ۾ اُجهو وڻڻ بدران، بڌي کنهن جي چٽيءَ ۾ ڏيڻ، ڏرسات جي وسکاري کان ڀڄي سگهي ٿي."

"تو جهڙي رشت پشت جوان کي چڏي، هوءَ بڌي وت وڃي ها؟"

"چو ڏ وڃي ها. ڏرسات جي وسکاري جي کن ٿي ڏ کاڻڻي هئس."

"اڙي اَناڙي، هرکا عورت فقط تو جهڙي سگهاري مرد ڏي ٿي، هرک هاريندي آهي."

"جهڙيءَ طرح هر پرش، هڪ سگهڙ گجر لي ٿي ساهہ ڏيندو آهي."

"اُچا، ڏ ٿون هنکي سگهڙ کنوار تو سمجهين!"

"ها، هوءَ هڪ سگهڙ کنوار والگر ٿي، ڏ مون کان ڀاڳ کوڻي کوڻي شرمائي ويني آهي."

"اِهي ٿي ڏ عورت جا چل ڏل آهن، جن سان هوءَ تو جهڙن سادن مردن کي منڊيندي آهي. ڏ ڏ پلا هيڻن ڏهندڙ وات ڏي کنهن اوپڙو پرش سان کا سگهڙ اِستري اچي ويهندي آهي؟ ڪجهہ سوچ، چو ڏ گهر آيل گرهہ موڻائين."

"مون لاءِ اِستري کائڻ جو گرهہ کونهي."

"هي گرهہ ڀڄڻ واري گڏي ناهي ڏ چاهي؟ ڏس مرڪل ونگرائو ڏيڻ کيئن ڏ ڀاڳ کي دلکش ڀڻايو اٿس."

"هرکو انسان پاڻ کي دلکش بڻائڻ چاهيندو آهي. اُنهيَ کان اُربع خطا کائهي."

"ساڙهيءَ جو پلوُ ناهيندي، ڏسين نٿو تہ کيئن نہ نهنجي ليٽن کي، پنهنجي سيني جي اُپار ڏانهن چڪ لاءِ ليندڙ پيٽي ڏئي."

"نيٽن کي نيندڙ تہ نٿي ڏئي، پاڻ اُنهن کي دوُر رهڻ جي التجا ٿي ڪري."

"اَڇا! هنجي مدهوش نيٽن ۾ ٽوڪي التجا ٿي نظر اچي؟"

"ها، هنجي معصوم اکڙين ۾ هڪ انسانيت ڀري التجا آهي."

"۽ نهنجي مکڙي ٿي ڦهلجندڙ، هن جي گرم گرم ساهه جو ڇهاءُ، تو ۾ لرزش نٿو آڻي؟"

"اُن ساڻ واري لرزش ضرور آڻي ٿو، جيکو هڪ مٺڙو معصوم آواز آلاپيندو آهي."

"هنجي مکڙي روپي گلشن مان پکڙجندڙ هيکار نهنجي جوانيءَ کي ديوانو نٿي ڪري؟"

"جواني فقط ديواني نہ ٿيندي آهي. اُها سياڻي نہ ٿيندي آهي. ياد نٿو اَچيم، اَلاجي ڪنهن استريءَ بڌايو هوم تہ بس ۾ جوان ڏاڍو لحاظ ۽ ضابطو رکي، ٿورو دوُر وهندا آهن، ۽ مڻ بدن جي تہ اصل ڏگهري ٿي لهي ويڳي آهي. ايندا ڪاهيندا، ۽ اڇي لڳي

لڳي وهندا."

"۽ اهو به ياد هوندو ته ڪنهن پرش انين ۾ چيو هوندو ته ڪيئن نه ڪي ڪي ڳالهون لڳي لڳي اڇي وهنديون آهن ۽ پنڌيان به هيٺو لڳائي ٻيهنديون آهن."

"سڀ اگريون ته برابر ڪونهن. هرڪا ٻڪري پنهنجي ڦاهي ڇڙهندي."

"ڪون ته ڪو مرد ناهين، ڪا زلي ٽڪڙي آهين. هن ڏڪار ۽ برسات پنڌ فضا ۾ لنهنجي جڳهه تي ڪو ٻيو جوان هجي ته هڻو شڪار اصل هٿان نه ڇڏي. ساڻس مرڪندي مرڪندي، منڙا منڙا ٻول ٻولي وٽي، قرب سان چانهه جي آڇ ڪريس. ٻوءِ ڪنهن سٽنيما تي ڇڪر هٽائط لاءِ ٻڌايائيس ۽ ٻوءِ..."

"اهو سڀ ڪجهه مان به ڪري سگهان ٿو. اڃا ڪهڙي فارسي آهي؟"

"ته ٻوءِ ماڻهه ۾ ڇو ٻيٺو آهين؟ نڇين ڇا کان ٿو؟"

"مان غلط ڪم ڪري، هڪ نردوش راهه ويندڙ ناريءَ کي، خلق اڳيان ڪلڪ هاڻ لٿو ڪرڻ چاهيان. هوءَ هڪ پرش ڏي وشواس رکي منهنجي شرڻ آئي آهي، ان سان وشواس گهات ڪري، ڪيس شرمسار ڪرڻ لٿو چاهيان."

"اڙي اناڙي، هوءَ ته اڳو خوش ٿيندءِ."

"نه، اڳين چوڻ عورت ذات جي توهين ڪرڻي

ٽيندي."

"۽ ائين چئي تون مرد ذات جي توهين ڪري رهيو آهين."

"نه، سڀ پرش ويچاري ڪونهن، جئن استريون سداچاري ڪونهن."

"چي... چي... ذاتقوئي خراب ڪري چڏيئه... آندء نه اخلاق ۽ آدرش کي وڇو ٽپائي. حياتي موج مزي لاء آهي. جيترو مزو ماڻي سگهجي ماڻجي، ڪنهنجي پرواهه چو ڪجي."

"نه، زندگي جيئڻ لاء ملي آهي ۽ اخلاق ۽ آدرش ئي زندگيء کي جيئڻ لائق بڻائين ٿا."

"چڏ اهي رشين ۽ مهاتمائن جون ڳالهيون، سڌ ٻڌي ٿي ڪيئن وشوامتر رشي ٻئي مينڪا اپسرا اڳيان پنهنجو آدرش کوهي وينو هو."

"مان ڪلهه جو وشوامتر رشي ناهيان، اڄ جو انسان آهيان، جو ڪنهنجو پٽ آهي، ڪنهنجو پريتم آهي، ڪنهنجو پتي ٻ آهي."

"پر هيء ٿ مينڪا اپسرا ئي آهي ڏ؟"

"نه، هيء ٻ اڄ جي انسان ئي آهي - ڪنهنجي ڌيء، ڪنهن جي پريتما، ڪنهنجي پتني."

"چڏ اهي پٽيون سماجڪ رشتن جون ڳالهيون ۽ هڪ پل جي لطف لاء چو ويهي آزاد پکين کي ٻاڌ

جھگڑجي. هيءَ ڪن وري هٽ نہ ايندءِ. هي موقعو
هٿان نہ وڃاءِ."

"مان نہ پسوُن پڪي آهيان، نہ موقعي پرست آهيان."

"اڙي ڏس، برسات نہ ٿجي رهي آهي ۽ هوءَ بہ
وڃ جون ڪارون پيئي ڪريئي. ڏس ، ڪيتري نہ
وڃهي اٽيئي..."

"نہ... چپ نہ..."

"هاڻ مرڪي ٿي نہ ڏي..."

"....."

"رڳو ٿوري ڇٽي هيٺ ڪندين نہ ڪير بہ نہ ڏسندوَ."

"....."

"ڏس، هنجي ساڙهيءَ جو پلاند ڏهنجي سوٽ سان
ڪيئن نہ لپٽيو پيو آهي."

"....."

"رڳو ٿورو هٽ وڌاءِ نہ هنجي هٽ سان وڃي
ملندءِ..."

"....."

"ٿوري ٻالهن ڪٽي وراءِ..."

"....."

"پنهنجي مڙي کي هنجي مڙي جي وڃهو اٿ.
ماڻ ڇو آهين؟"

"بند ڪر بڪواس، مان ڪجهہ ٻڌڻ نہ ٿو چاهيان."

"اڙي اڙي، هي اکيون ڇو ٿو بند ڪرين. برسات بند ٿي ويئي آهي ؛ شڪار وڃي ٿي ٿو.."

"مان شڪاري ناهيان... ناهيان."

... برسات سچ پچ بند ٿي ويئي هئي ؛ هن رمٽيءَ موڪلائيندي منڙي سنگيت جهڙي مدر آواز ۾ چيو،

"ٿوهان جا شڪرانا."

هوءَ هلي ويئي. هن جي اچڻ ڪري منهنجي اندر ۾ سڃاڻپ ؛ ستل من ۾ جيڪا ڪشمڪش هلي هئي سا بہ بند ٿي ويئي. ستل من هاراڻي پڳو هو. مان سوچ ۾ پاڻ، سڃاڻپ من ڪٽي اڇي وڌيس. اڃا بہ چار وکون مس کنيون هوندم جو پٺيان ڪنهن جو ٺهڪڙو ؛ آواز ٻڌم- "سالا بڌو ٿا..."

# ملاوٽ

لاري چري ته ڊرائيور جي زبان بہ هلي. بنهي جي شرط ڏسڻ وٽان. الاجي کهڙيءَ کنيءَ کنيم جو چوالس ٿئي، "شاباس اٽيئي. هوا سان ڳالهيون کندو ٿو هلين."

بس اچي پنهنجي واکاڻ ۾ چٽکيو. "ٻاڙجي، هيءَ اسپيڊ ته کجهه کائهي. اڃا رکو بن لارين کان گوءِ کڻي ويو آهيان. هونءَ ته ڏهن ڏهن کي ماري ماڻ کندو آهيان. مالڪ، توهانجي سر جو سنهن وڏو. چي، 'مال کان وڌيڪ مهمان سان موهه رکج.' الکري اڃا آهستي پيو هلايان."

"ٻپ نه ٿيئي!"

"ٻپ؟" ٿڪ ڏنائين. "ٻپ ٻاڻ اسان کان ٻجندو آهي."

پر مولکي سچ پچ سندس ليز رفتار ٽي ڏکڻيءَ پٽي ورتو. الکري ساڻس گهٽو ڳالهائڻ کان کيبايو پئي ۽ "هان" "هون" کان وڌيڪ نٿي اُکليو.

منهنجي خوف کي ٽاڙي ٽي چيائين، "بابوجي ٻجو نه. هيءَ ڊرائيوري اسانجي اَبن ڏاڏن جو ورثو آهي. الاجي کهڙا لک لتاڙيا هوندم. هي ۳۵ سال، سچ ٿو ٿو چوان، ۳۵ سال اُئين ڀاڪي نه ولوڙيو اٿم..."

۳۵ سالن لي ڏاڍو زور ٻڌائين. هو جيئرو زور ڏئي، اوڙو وڏيڪ کل اڇيم. حقيقت ۾ هنجي کل عمر ۳۵ سال هئي ۽ ڊرائيوري فقط ۱۵ سالن کان ڪندو هو.

"... ٻاوجي اڄ هر شيءِ ۾ ملاوٽ ٿي پيئي آهي." اهي لفظ ٻڌندي ئي اڪلڪو چڪ ڪري ويم. چا هو مونکي ڏسڻ ٿو ٿڪي؟ منهنجي ڏنڊي مان ڏڌهن واقف آهي؟ ليڪن جلدي پوڙ لهي ويو. چيائين، "ڪاڏي ڪپڙي ۾ ڏٺهيو، هن ڊرائيوريءَ ۾ به ملاوٽ لڳي پيئي آهي. اصل اناڙي رنگروٽ نڪري پيا آهن، جيڪي ونن کي سنياڻي ڏسڻ ۽ اڪسيڊنٽ ڪيو وڃهن." پوءِ منهنجو چهرو محسوس ڪري سمجهايائين، "هي لاريون رڙون ناهن؟ آهي کو هنجو ڏٺي سائين؟ ڪڏهن کڙي ڊرائيور سان ڏسڻ کڙي سان. ڏنڊو ڪونه ڏسڻ ٿي هن رستي ٿي ڪيترين ڏينهن ڏسڻ ٻڌيون ٻيٽون هيون لاريون؟"

منهنجو مرڪ، هنجو ڏوڪڙ. "ٻاوڄي، اسانجي ڏينهن ۾ ڪا ڊرائيوري سکبي هئي؟ اصل جوڳ پچائڻا پوندا هئا. ڪارڪندي، ڏڪ ٻڌي، الاجي چا چا سهڙو ٻولندو هو. هاڻي ڏسڻ ٻلبليون ۽ موٽر ٻيٽون هلائين ۽ اوورٽيڪ (ڪوه ڪڙ) ٻيٽون ڪن. رشوف ڏيو، اڪيون ٻچڪايو، ڳٽ مٽ ڪيو، ليسن ونيو اڇن. ڪيٽن ٽيڪ

اٿو چوان، بابوجي؟" پڇيائين انين جڏ مون ڏي ڪو گناه ڏي ڪيو. ڳالهه بدلائي چيومانس، "ڪون نه ٿو چگي گت مت ڄاڻين."

ڏاڍي فڪ سان وراڻيائين، "انگريزي پنج پڙهيو آهيان. گهٽ ڳالهه ٿو ريئي آهي. اڄ مٽرڪ وارو نه مون جهڙي گت مت نه ڪري سگهندو. الاجي ڇاتا ڀاڙهين. بابوجي، ڏڌهن نه چوان ٿو ته هر چيز ۾ ملاوٽ لڳي پيئي آهي" ؛ چٽي ڪلي ڏنائين. پوين جملو جڏ ٽڪيه ڪلام ڏڪي پيو هوس. هونءَ به الاجي چو اهو ڏندي دل ڏڪ ڏڪ ڪئي. الاجي ڪهڙا ڪهڙا وسوسا پئي آيا من ۾. دل ڪي ڏاڍو ڏيڍ پئي ڏنر ٿي. آخر هي ڪين جهڙو ڊرائيور منهنجو چو ڪجهه بگاڙيندو؟

منجهند جي مانيءَ لاءِ هڪ هٽل ترسٽو پيو. لاريءَ مان لهندي ئي چٽن پنجن خانبدوش عورتن ٿي نظر آڪي پيئي ؛ اها قيريان ڪي قيريان ٿي ڊرائيور چيو، "بابوجي، اڄي هڪ مرغي." پنهنجي چوري پڪڙجڻ ڪي گهبراهٽ ۾ باهرين ٻوڙڪي ڪٽي شوڪيومانس ٿي ڪلي ڳالهه ڦيرائي چيائين، "هن جهنگلي مرغين جي ڳالهه اٿو ڪريان. ڪاڪ جي مرغيءَ جي ٿو ڳالهه ڪريان" ؛ منهنجو ڏڌو رخ ڏسي چيائين، "معاف ڪجو. هلو ٿي هوٽل ۾ اندر وهون." ٿڌا وينا سين ڪي مس ٿي وڏي واڪي آواز ڏنائين، "اڙي اوا! بابوجي ڪي ليئي، ايڪ

مرغي اوڙ اسپيشل لال پاڻي."

"لال پاڻي" ٻڌي ڪنڊ سان ناڪار ڪئي مانس. پر ڊرائيور چيو، "هي پيئندا نہ هوندي، وسڪي ٻوسڙي وينڊو. بمبئيءَ ۾ نہ، لکي لکي چڪي چاڙهيندا هوندا، پر هتي دلي هادلي هرڪو بي ڏڙڪ ٿي پيئي، پيئو ۽ جيئو. هتي ٽوهاڪي ڪير ٿو ڏسي؟ جيڪو نہ ڏسندو، سو پاڻڪي ٿي پيو ڏسندو. هتي سڀ هڪجهڙا وينا آهيون. ڪو نہ نديو وڏو ڪونهي. بابوجي، هن نديي هوٽل مان باهر نڪرندو آهيان نہ پاڻڪي ڏاڍو نديو محسوس ڪندو آهيان، گهٽتائيءَ جو احساس گهٽيندو اٿم. ڪٽو بابوجي ڪاٽو."

مونکي هيڏي لنبي ليڪچر ۾ سمڪ ئي نہ رهي نہ کاڌو ڪيڏي مهل آيو ۽ هن ٻاڦ لاءِ چا گهرايو هو. "ٽون چا دال روٽي وينو کائين؟ لال پاڻي ٻہ ڪوڙ ٿو پين؟"

"بابوجي، اڄ مالڪ سان قول ڪري آيو آهيان نہ، ٽوهاڪي صحيح سلامت گهر پهچائڻ کان اڳ شراب کي نہ چهندس. اسين قول جا ڏاڍا پڪ آهيون. بابوجي، ٽوهين ٻہ انجام جا پڪا آهيو، جو وقت سر پهچڻ لاءِ ٽرين لاءِ نہ ترسي، مال-لاريءَ ۾ ئي چڙهي پيا آهيون."

۾ هنکي کهڙي سڌ نہ مون زندگيءَ ۾ ڪيترا انجام ڪيا هوندا ۽ ڪيترا پڳا هوندا. متان ان ڪاري ۾ ڊرائيور

ڪجھ پڇي ويٺي، اُڪري ڳالھ کي بدلائي پڇيومانس، "هون، شراب پيئندو آهين نہ؟" جڏھن وقت هنجو شراب نہ پيئڻ مون لاءِ گھٽتائي جو باعث هو.

"ها، ها، چا ڪجي؟ غم کي پيئڻ لاءِ شراب پيئڻو ئي پوندو آهي. سچ ٻڌ شراب نہ پر پنھنجو غم پيئبو آهي. پر بابوجي، توهين ڇو پيئندا آهيو؟ چا توهانکي ڪو غم کي پيئڻو پوندو آهي؟"

"اسان کي ڪو نشو ڪپي" الاجي ڪيئن پنھنجائي مان سچ ڇڏي ويندس؛ رڪيس ۽ ڪوڙ، "اسانجهي دلبا ڪو هلي ئي نشي ڏي. هر چيز جو نشو... هڪراڏو نشو..."

"هڪراڏو نشو؟ پر بابوجي اسانجهي شراب ۾ ڪو هاڻ اهو نشو ئي رهيو آهي. ڏڻن ڪو چوانڪو نہ هر چيز ۾ ملاوٽ لڳي پيئي آهي..."

هنجو پوئون جملو بڌندئي منهنجي هٿ مان روٽيءَ جو گرهہ ڪري پيو. اهو ڏسي عجب ۾ چيائين، "ڇو بابوجي، چاهي؟ اسان ۾ هٿ ۾ گراهيءَ جو ڪو اُپسوٽ سمجھبو آهي."

ڳالھ کي نٽائيندي چيومانس، "ڇڏ انکي، ڏون پنھنجي ڳالھ ڪر."

"ها، بابوجي، اڇکلھ شراب ۾ اهو نشو نہ رهيو آهي. اهو جلد ئي لهيو وڃي؛ پوءِ اهو غم، اهائي

غريبي. اهائي مانيءَ پور جي چنتا."

"اڄ چنتا نہ ڪر. اڄ مان تو ڪارايانءِ. مرغيءَ جو آرڊر ڏيندس."

"نہ، بابوجي، اڄ توهين منهنجا مهمان آهيو." پر منهنجي ڇهري ي ان گفتي جو اڳرو الر ڏسي يڪدم پاڻکي درست ڪيائين، "يعني مالڪ جا مهمان آهيو. مان توهانکي ڪڏهن بہ ل پرڻ نہ ڏيندس."

جنهن وقت بل پٽي پرهائين، تنهن وقت دل ۾ ڏاڍي آند ماند پٽي ٿيم. انکي شايد پاڻهي ورتائين جو يڪدم چيائين، "بابوجي، ائين ٿي سمجهو تہ مان نہ، پر منهنجو مالڪ توهانجو ل پري رهيو آهي. اسان غريبن وت ايتري وسعت ۽ حيثيت ٿي ڪٿي آهي جو توهانجي ميزبان ٿيڻ جو شرف ملي سگهي!"

ڊرائيور جو هي پنهنجائي جو نوع سهڻ ڏاڍو ڏکيو هو. هن جيتري گهٽي پنهنجائي ٿي ڏيکاري، مان اوترو وڌيڪ دور ٿي پگوسانس. ڇڻ ڪو اڇوت هو. سوچيم پٽي ڪٿي منهنجي حيثيت ڪٿي هي خسيس ڊرائيور. پر ساڳئي وقت هن سان گڏ وينو هوس. ٿوري ٿي دير يا حادثو ڪرڻ سان مونکي تباهہ ڪري سگهيو ٿي.

هنجي ي باڪ ۽ صداقت پري شخصيت موهي رهي هئم. پر هڪ وڏائي جو احساس هنکان الگ نہ ڪري رهيو هوم. مان ڇڻ تہ ترشڪوءَ وانگر وچ ۾ لٽڪيل

هوس، ۽ کيس صفا ڏکاري ٿي سگهيس ۽ نہ پنهنجائي ڏيئي ٿي سگهيرسائس. اجا انهيءَ ڪشمڪش ۾ ئي هوس جو ڪير ڪلام بڌم، "بابوجي هر چيز ۾ ملاوٽ لڳي پيئي آهي. سچي ڳالهہ بڌايائو، اڇلهہ مان مهمان کان ونڻ ويندو آهيان..."

"چو؟" پڇي ٿي ويئس.

"هڪ مهمان ٿي منهنجو نندو آکيرو... ڏاهي ڇڏيو..." چوندي لاريءَ کي زور سان بريڪ ڏنائين. ڏاڍو جهوٻو آيو. هنڌون اکيون ڦاڙهيون ڪڍي ٿي ويٺون. ڇا شراب مون ۾، هن پيتو هو. وري چو نہ ڏيو چوائس، "آکيرو هڪڙو ڏٺو نہ ٻيو ڪٽي ناهي، اُهڙ کهڙي وڏي ڳالهہ آهي." بس شڪل ٺهائين ڦاڙهي ٿي وئس ۽ چپ ٽڙڪڻ لڳس.

"بابوجي ٽوهان وٽ اها وڏي ڳالهہ ڪانهي..." چوندي چوندي هنجو گلو گهٽجي ويو ۽ لاري ٽيز رفتار سان سنسان رستا پار ڪرڻ لڳي.

جيتوڻيڪ اها حقيقت ٻڌ هڻي نہ ٻڌ هڪ ڊرائيور اڳيان دل ڇڻ لاءِ چيو نہ ڪيو. پاڻڪي ڪيئن هيٺ ڪريان؟ هو جواب لاءِ نہ ترسيو. چوندو رهيو، "اسانجو آکيرو ڇا پڪين پسن جو ڪکن کان جو آکيرو آهي، جو اڻي ٿي ڏهي ۽ ٿهي سگهندو؟"

هنڌي ان سوال ٿي دل ۾ ڪلي ويئس.

بارهن بارهن ڪلاڪ يڪساهي ڊ رائيورِي ڪرڻ جالوڙن جو ڪم نه هو ته چا هو؟ پر ڪيس اهو سڀ ڪيڻ چوان؟ اهو چوڻ سکيو ٿي ڪونه هوس. سڀ ڪجھ جي ملاوٽ ڪري ٿي ته اڄ قيري واري مان دوڪاندار ٻڌيو هوس ۽ دڪاندار مان سيٺ ٻڌڻ جا سپنا لهي رهيو هوس. پر ڊ رائيور ته سڀ چوندو ٿي ويو ۽ ان سڀ ۾ دلچسپي نه وڏلڊي ٿي رهي، نه چاڪاڻ ته اهو سڀ هو ۾ روماڻس ۽ راڙ سان ٽمڙار هو.

"ڇڏو ٿي ڪڙو ڏينهن هو،" چوندي وري ڪٽي ٻيڪ ڏيڻي لاءِ ٻيهاريائين، "جڏهن مان پنهنجي گهر موٽي رهيو هوس، جڏن توهين اڄ موٽي رهيا آهيو..."

هنجي ان گفتي بدن ۾ ڏڪي پيدا ڪيو. ڇا ڊ رائيور کي ڏڻهن سڏ آهي ته مان ڇو ڪڙو گهر موٽي رهيو آهيان؟ وري جو چيائين، "گهبرايو نه، مان توهانکي پوري وقت تي گهر پهچائيندس،" ته پگهر ۾ شل ڏي ويس. ليکن جڏهن چيائين، "منهنجو گهر چا هو، جڏ جهوپڙي ٿي ته هڻي" ڏڻهن وڃي سامت ۾ آيس.

"پرين ٻن مهنن کانپوءِ پڻي گهر موٽيس. هي پهريون دفعو هو جو ايتري دير ٿي هڻي نه ته مهني اندر ٿي موڏندو هوس. جيتوڻيڪ سدائين ڪٽ پٽ کان ڏنگ ٿي چوندو هوسانس ته دير سان ايندس. سياري جي رات. دل ۾ اڻيڪ اڻسنا ۽ اميدون. سوچيم ته پنهنجي پتنيءَ

کي اهڙو خوش کندس جو هنکي ڊاڙ جي لڪ ٽي نه پولدي. پر ... هوءَ نه اڳيئر ٽي خوش ويٺي هئي. اهڙي خوش جهڙي اڳيئر نه ڏٺي هئم. پسر هوءَ مونکي ڏسي ڏمڪجي ويئي جو ڪيس منهنجي اچڻ جي اميد کان هئي يا ضرورت نه هئي. گهر ۾ چوطرف نظر ڊوڙايم تہ اهو به هونءَ کان وڌيڪ سينگاريل ٽي نڪو. چيومانس، اڄ تہ گهر چمڪائي ڇڏيو اٿيئي؟ جواب نہ ملڻ تي چرچو ڪري پڇيم، 'چو ٻيو ڪو اچڻو هو چا؟' هن ڪنڌ سان 'ها' ڪئي. ها، هن سچ پچ هاڪار ڪئي. مون سپنو ٿئي ڏٺو. منهنجن پيرن هيٺان زمين کسڪي ويئي. الاجي ڪيئن زبان مان نڪتو، 'ڪير؟' چيائين، 'هو ٽوهانجو دوست جو ٽوهانجي هوندي به به ٽي دفعا مهمان ٿي رهي وهو هو.'

'هان اهو ٿلهو...'

'هوءَ ڪلهہ رات جو آيو هو. سوچيم سيءَ ۾ هو ڪٽي وڃي متو لڪائيندو. انڪري ڪٽي اڃهو ڏنومانس...'

"بابوجي، چوندي چوندي سنڌس شڪل ائين ڦرن ڦرن ٿيڻ لڳي جو، مان واڙو ٿي ويس. پڇيومانس، 'چو ٽوسان ڪائي اڌنگي هلت هليو آهي چا؟' جواب نڏارد. پر وڌيون اکيون جن سان همیشہ سڌو مون طرف ڏسندي هئي، اهي زمين ٽي جهڪيل هيون. ڪنهن پاپ ٿي پردو وڃي رهيون هيون.

"ڪيس ڏونڊاڻي چيم، 'چاهي؟'

"پاڻ ڇڏائيندي چوڻ لڳي، 'ڪجھ ڪرڻهي،' مگر بابوجي سندس اکيون گهاهه جـون شاهد هيون. ان اکيڙي کي اڳ لڳائي هليو آيس. هاڻي جڏهن ڏاڍو ڪڏو آهيان، اُهو ئي اکيڙو ئي پوندو آهي."

"پوءِ نه پاڻ مڙوئي مڙو ائين. هڪ اکيڙي بدران گهڻن ئي اکيرن ۾ آرام پيو ڪندين." چوندي مرڪي ڏنم؛ موت ۾ هنجي مرڪ جي ۽ اُميد رکيم جا برصواب نه ٿي. اُٿلو هنجو چهرو وڏيڪ؛ وڏيڪ گنڀير ٿي ويو. مونکي اڄ لڳو جڏ اهو ڪجھ چيومانس جو سندس شان؛ اخلاق کان گهٽ هو. ڏاڍو عجب لڳم. مان نه ائين وسهي وينو هوس نه هن کي پنهنجو شان مان؛ اخلاق مرياده ڪو نه هوندا آهن. ڪکو وڪو ئي ويس. پر ڳالهه کي بدلائڻ جي لحاظ کان چيومانس، "اڄ تو گنڀير ٿيو آهي چا؟ حياتي آهي موج مزي لاءِ."

"پر بابوجي، سچي محبت؛ ساٿ کانسواءِ حياءِ ۾ ڪهڙو مزو ايندو؟"

"ٿوئي نه چيو ٿي، هر چيز ۾ ملاوٽ لڳي پيئي آهي." مون کيس، تڪيه ڪلام جي يادگيري ڏياري، جيڪو ڪانئس وسري ويل ئي لڳو.

"چا زندگي ان ملاوٽ کان آجي ٿي نه سگهندي؟" سوال پڇي لاري چالو ڪيائين نه وري ايڌارائين ڪين؛ زبان بند ڪيائين نه کوليائين ڪاڏ.

سالن بعد اڄ به جڏهن ڪڏهن مال-لاريءَ کي رستي ئي ڏسندو آهيان، تڏهن هنجو سوال منهنجي دماغ ۾ سئون پاڻ لڳندو آهي.

# منا ماڻهو.... ڪٿا سنگتڑا

هوڪو ٻڌم. دل هرڪجي ويئي. اڃي در لائـم. برسات جي ٻوندن سان گڏ گهوڙڀي جي لفظن جـي لڙي پٽ اندر گهڙي آئي:

"ياڏو، اڄ ناڳپوري سنگتڑا آندا اٿم. باقي ٻه ٽي داڻا آهن. سستا ڏيندوسانو! ڪلياڻيءَ گهر وڃڻو اٿم."

"اڙي اهي ته تون پاڻ ٻه ڪائي سگهئين ٽي."

"سائين، اسين اٿين ڪريون ته ٻئي ڏينهن ڏيهاڙو ڪيون. هن مهانگائيءَ ۾ ٻڇڙن لاءِ اهي ٻه ٽڪا ٻ چوڻ ڪمائي ونجن."

هو اڪثر ڪري ڪو نه ڪو ميوو ڪٽي ايندو ٿي هـوءَ اٿين ڪساهي ۽ مشين وانگر لفظن جا پـرزا ڳڏي ڏيندو ويندو هو، "فلاڻو ميوو خاص ٽوهـان لاءِ آندو اٿم. باقي ٻه چار ٽنگ آهن. سستا ڏيندوسانو. جلدي گهر وڃڻو اٿم."

ڀ مان ٻ مشين وانگر ٽي جڙ ٽڪيه ڪلام ڏهرائيندو هوس:

"ضرورت ڪانهي. سستا ڏيندين ته ڪٽي ونندس. پر خراب ته ڪونهن، ڪٿا ته ڪونهن؟"

اڄ ٻ اهو پنهنجو ٽڪيه ڪلام ڏهرايم.

کلي چيائين، "ديران، ناگپوري سنگترا ۾ کي ڪٿا ٿيندا آهن چا؟ ڪاڏي مکياري" چوندي چونڊي هڪ سنگترو چاڻ ٿي لڳو، پر ڏاڍ آهستي آهستي، شايد ميوي جي وڪري سان گڏ منووگيان جو ۾ کو ماهر ٿي لڳو. سو سندس فلڪ ٿي وشواس ڪري سنگترو چاڻ ٿي زور نہ رکيومانس ۽ سنگترا ڪٿي وڃڻامانس. پر نہ ۾ الاجي ڪيئن چئي وينس، "ياڏو، اڄ وقت ٿي اهڙو آهي، جو سيکجهه ڪٿو ڪٿو ٿي پيو آهي!..."

"هم.. هم... اڏل سچ ٿا چئو" کلندو چوندو ڪڙو ڪڙو هليو ويو.

مان هنکي ڏسندو ٿي رهيس. باهر هنکي ٿي ڏٺم، پر الدر ۾ ڪنهن بئي کي ٻئي ڏٺم. من ۾ هرڀ لڳو نہ. مون جيڪو گفتو هنکي چيو، سو منهنجو پنهنجو ئي ڪو نہ هو. پراڻو هو. پر ان ۾ مون لاء جا پنهنجائي سمايل هئي، سا وسري ٿي وسري. سنگترا نہ ميز ٿي پيا رهيا پر منهنجي من ۾ يادگيرين جا سنگترا هڪ هڪ ڪار ٿي چاڄندا ويا.....

اُن ڏينهن ناگپور اِسٽيشن ٿي ريل جو انتظار ڪري رهيو هوس. آفيس جي ڪم سانگي آيو هوس ۽ اهو پورو ڪري موٽي رهيو هوس. بينچ ٿي ڪنڌ وڌي وينس ٿي مس نہ هڪ جوان جوڙو ۽ هڪ بالڪ ۾ اچي پرسان ويٺا. ٻي جان بينچ ۾ ڇڀ ساهه ٻڏي ويو،

وارالي ۽ ۾ وَسڻ ٿي ويئي. هاڻي اسانجي وينِي، اُن هنڌ گهوڙن جي واکر واکاڻ شروع ٿي ويئي. هو طرح طرح جي هوڪن سان هرکائڻ لڳا. نٽ ــهڻ اُس ۾ اُسات گهٽائڻ لاءِ ڪٽي سنگترو ورتو ته هن ٻالڪ ٻ ڪيڏو ڪيو. سندس مــاءُ گهڻو ئي نٽائڻ چاهيو پر ٻ ار ڪٽي، ٿو مڙي. مجبور ٿي ٻالڪ کي سنگترو وڻي ٿي ڏنائين. ٻالڪ جيترو ئي خوشيءَ ۾ ٻرجي سنگترو چليو، اوترو ئي هڪ ڦار چکي، ڪجي اُٿيو. ماءُ کي اهو موٽائي ڏنائين ۽ چيائين، "ممي، هي ڪڙي ڪتو آهــي، وَٺ، مونکي ٻيو وڻي ڏي."

"مٺا، حرام جا ٻڙسا آيا آهن چا، جو ٻيو وڻي ڏيانءِ؟ ڪائي چڏ، ڙي ۽ اُٺکي ڪونہ پوندءِ."

پر ٻار پنهنجي آڻي ٿي.

منهنجو سنگترو ته منو نڪتو هو. مون اُهو ڪٽي هن ٻالڪ ڏانهن وڌايو ۽ مرڪي مرڪي هنکي اُهو وٺڻ لاءِ آڇ رائڻ لڳس. پر، هن خود دار ان ڏانهن اک ڪٽي ۽ نہ نهاريو، اُلٽو کجڻ بند ڪري هڪدم ڪيئر ٿي ويــو. پنجن ڇهن سالن جي هيڏڙي ٽڏڙي ٻالڪ جي خود داري ڏسي دنگ رهجي ويس. مگر دل ٿي دل ۾ اُن تــي خوش ٻ ٿيس. انڪري سنگتري لاءِ زور ٻــري هنجي خود داري ۾ وَڌو وجهڻ نہ چاهيم.

ٻالڪ جي ماءُ، سنگتري جي ڦار پنهنجي ٻڌيءَ کي

ڏني. ليڪن هن اها نہ ورتي. مون ۾ هيڪي اِنڪار، ٻالڪ جي انڪار جي اُبتڙ ۾ اڙ پيدا ڪيو. اِنساني من ۾ کڻڻ و نہ عجيب آهي، جو هڪ جي انڪار ۾ اُهو ٻلهار ٻڌي ويو تہ ٻئي جي اِنڪار ۾ وڇون وڇون پئي ٿيو.

اُن ۾ جڏن گهٽو ۾ سوچيم، تڏن ۾ من لاءِ موه ۾ وڌيم، جنهن هنن ۾ جڏن جي انڪار کي پرکڻ لاءِ پوري تک تـــور ڪئي هئي ۽ اِنصاف پسند رد۔عمل ظاهر ڪيو هو. مان شايد اڃا ۽ منهن ڦيري سوچيندو رهان ها جو بڏم، "هي کڻڻ وقت آيو آهي، جـــو سيکڃهه ڪنو ڪنو ٿي پيو آهي. پنهنجا منا ماڻهو ۽ ڪنا ٿي پيا آهن؟"

منهنجو منهن اُزخود هن سندريءَ ڏانهن ڦري ويو، جنهن جي فيلسوفاڻي مڪ ۾ غم جـا ڪاروليار ڪڙ ڪاهي آيا هئا. هڪ ڪن ۽ جڻ موت جهڙي ماند لڳي ويئي. ٻالڪ ماءُ جي ڪوڏي ۾ ٿي ليٽي پيو ۽ پـــيءَ جڏن جو تڏن وينو هو. جڻ هيڪو پنهنجن ماڻهن سان ۽ ڪو سنبند ٿي ڪو نہ هو.

هوءَ مون لاءِ هڪ اَجنبي عورت هئي، پوءِ ۽ـــ سندس گفتو مولکي ڪيترو نہ جـاڻل سڃاڻل ٿي لڳو، ڪيتري نـــ پنهنجائيءَ جي پڪار سان پـر ٿي لڳو. منهنجي هن جي هاري ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي، جيتوڻيڪ

ظاهري طرح اڏڻي ڏيکاري نه ڏني. ان ڏيکاري نه ڏيڻ ۾ ئي پلائي هٿي ڇو جو هتي سيڪڙهه لڪڻ ۾ ئي گوارا لڳندو آهي. اڪين ٻڌڻ ڪن ڪان ڪم وٺڻو پوندو آهي. مان چپ ماري ٻڌڻ جي انتظار ۾ رهيس.

وري ٻه هن سندري ۽ ڏي سڳو سوڙيو- "هڪ ڳار ٻه نه ڪاڻيندا؟ يا ڳالهائيندا ٻه ڪونه! رڻا آهيو؟ سڱترو ڪٽي نه ڪاڻو پر ڪجهه ڳالهايو نه سهين. ٽوهاجي ئي نه ڳالهه وڪيو. هاڻي نه هس وڃان ئي ئي! ڪين سمجهو نا نه ويل اڇط لي گهر موٽي هلنديس..." ۽ اڃا پوري آواز، هنجو مڏ ڳلو گهٽي ڇڏيو.

هن سڱترو ڪٽي ڏٺو ڪيو. مون محسوس ڪيو نه هن سڱترو نه ڏٺو ڪيو هو، پر پنهنجو ٻاڻ ڪي لڳائڻ ٽاڪو لاهڻي ڏٺو ڪيو هو نه ٻه هڻن ٻرڊ ڪجهه ٿيڻ ڪڇيو هو.

وري نه ڪجهه وقت خاموشي طاري ٿي ويئي. جاڏار ٻيڻ بدجي، بيجان ٿي ويو هو. مگر منهنجي من جي مات روپي لهرن ۾ الٽو ڪنهن پٿر اڇليو هو. سوين سوال سڙاڪا پائڻ لڳا. يا پتيءَ جي پتنيءَ ڏان ڪٽبٽ آهي؟ پر ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ يا هيءَ استري هنکي سڏائين لاءِ چڏي ٿي ويئي يا هو هنکي سڏائين لاءِ ڪيڻي ٿو چڏي؟ پر هيءَ وڃاري اڪيلي ڪيڏانهن ٿي وڃي؟ ڪهڙيءَ سنڌ ۽ استريءَ جو ڪراڙ

هي پرش ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ مونکي لڳو، هو اهو ئي راجا دشينت هو، جو پنهنجي پرينءَ شڪنتلا کي سچاڻ کان انڪار ڪري، گهر کان لوڏي رهيو هو. هاءِ! هيءَ اڄ جي شڪنتلا ڪٿي ڪٿي وڃي پٽڪندي ڦرندي؟

مان ائين سوالن جي ساگر ۾ اڇا ۽ غوطا کائي رهيو هوس، جو وري ۽ اهو ئي سريلو سوز ٻريو آواز ٻڌم-

"چا ٿي ها جي ٿوهين ۽ مون سان گڏ پيڪي هلو ها. هينئن نڊڪو وڃ سان خود مائڻن. جي ۽ نظرن ۾ ڪري پٽبو آهي. جنهن پيڪي گهر جي پرواهه نه ڪري، ٿوهان سان فخر سان هلي آئي هئس، اڄ اُن گهر ۾ بي مانو ٿي ڪيئن ويندي هوندس، ڪڏهن سوچيو ۽ اٿو؟ چا منڙو پيار، ايترو جلد ڪٽو ٿي پوندو آهي؟ مون ته ڪڏهن سپني ۾ ۽ نه سوچيو هو ته مان ٿوهان لاءِ ايتري ڪٽي ٿي پوندس، جو هنن بن ٽن سالن ۾ ڇهه اَٺ دفعا ڪٽ پٽ ڪري پيڪي گهر ري ڪوٽيو مهمان ٿي وڃڻو پوندو ۽ ري ڪوٽيو گهر واپس موڙي اڇڻو پوندو. هاڻي اهو سڀ سهڻ لاءِ ڪجي ڏاڍي سوڙهي آهي... هڏڙي جيئڻ کان نه موت..."

هنجي دل ڀرجي آئي هئي، جو اُٿي آب اوڻ لاءِ آئو هو. هوءَ ظاهري ته سانت ٿي لڳي، پر اندران ٿي اندران ڇڻ سڏڪا ٿي پرياڻين. جنسي ورلاپ ٿي ڪياڻين.

منهنجي دل عارضي طور خوشيءَ سان ڀرجي وئي ته هوءَ شڪنتلا جڳ سڀائين لاءِ دشينت وٽان لوڏجي ٿي نڪري، پر ٿوري وقت لاءِ پيڪي گهر ٿي وڃي. ليڪن ڏڏهن نه سمجهه ۾ ٿي آيو ته هنجو پيار ايترو جلد ڪٽو ڪيئن ٿيو هوءِ هو جوان مرد، گل جهڙي گجر کان، ٿورو ٿي وقت سهين، جدا ڪيئن ٿو رهي سگهي؟

مرد جي مات ڏسي مون کي منيان پٽي لڳي. هو اسان جي وچ ۾ ٻنيرو وينو هو، ان ڪري سندس چهري جا ڀاوَ نه پاڻي ٿي سگهيس. سندس پٽي ته، پيڙا وچان ٻروڙجي وئي هئي. شايد اُن پيڙا کي لڪائڻ لاءِ ئي هن هر گهڙي منهن ڦيري ٿي ڇڏيو. ڏڏهن آڳر ۾ ڪي ٿي مهٽيائين، جڳ من جي ڀُونڪنپ کي دٻائڻ لاءِ هٿ پير ٿي هنيائين. ڏڏهن ڏڏهن منهن هٿن سان ڪٽي ٿي ڏيکيائين، جڳ ڪنهن زلزلي ۾ پنهنجي ڏاڙُن ٽيل گهر ٿي سوچيندي هجي.

ڀ هوڏانهن هوُ وينو هو چپ چپ، پٿر جو پتلو ٿيو. منهنجو شڪ تهائين پڪو ٿيڻ لڳو ته هن مرد ضرور ڪنهن ٻيءَ وينگس ۾ هڪ هاريو آهي. هاڻي پنهنجي پٽيءَ مان پلاند آجا ڪرائڻ لاءِ ئي هيءَ انڪل ڪئي آهي، جيئن پيڪي گهر وڃي وڃي ٻيزار ٿي، هوءَ ڪيس ڇڏي وڃي. اڄ جي ڏينهن ڏمالي جا هي نرالا لمونا ڏسي، مون کي تهرس پٽي لڳو ته ڪيئن نه سپ

ڪجهه گونگ ٻوڙ ۽، گهٽ ٻُڌڻ ۾، اصل شمشان جي شانتيءَ ۾ ٿي ٿو گذري.

هي سڄو نظارو منهنجي من ۾ طوفان مچائي لڳو. طوفان جنهن ۾ صبر ۽ شرم جون پاڙون پٽجي ويندڙون آهن ۽ چٽجي ويندو آهي هڪ ڦهري ۾ نفرت جڙ، جيڪا سڀ سنڌا ۽ سنبنڌ، ساڙي راک ڪري ڇڏيندي آهي. منهنجو هٿ رڪجي رڪجي، پيڙجي پيڙجي اٿيو ٿي هن پتلي کي ڏولڻ لاءِ..... ته هڪ ٻيڙي آواز منهنجي اندر ۾ سس ڪيو- "تنهنجا هي ڪهڙا مائٽ لڳن جن سان همدردي ۽ نفرت ٿو ڪرين؟"

"ڇا همدردي ۽ نفرت لاءِ رت ماس جو رشتو ٿيڻ ضروري آهي؟ انسانيت جو ناتو ڪافي ڪونهي." منهنجي من ۾ ويڙهه شروع ٿي ويئي.

"هه..... هه..... انسانيت..... انسانيت ته ڪڏهن کو مري ويئي آهي. نه نه هڪ معصوم، هڪ مني سنگتري لاءِ سهڪندو رهي ۽ هنجي جيجل ڏسندي رهي. هڪ پتني، پيار لاءِ ٻاڌائيندي رهي ۽ پتي، پٽ جي پتلي جڳن سانت وينو رهي!"

"ضروري ڪا مجبوري الڻ!"

"ها، ها، من جي مجبوري!"

"نه، نه،....."

منهنجي من جي ويڙهه جاري ٿي هئي، جو هن

سندريءَ جي ڏاهن ٻڌم، جڏ کي ڪير قائو هو- "اڄا ڪير نہ ڳالهايو، اصل نہ ڪيجو، ڇا گولمر ٻڌ واڪر چپ ساڌي اڙ؟ پر هنکان نہ ڪرڙيءَ جو ٻ دڪ سنو نہ ٿيو هو. توهان اڳيان هڪ انسان پيو هاڏائي نہ ٻ توهان جو پنجو ٻ نٿو ڀچي..... پـــر سمجهي ڇڏجو، هـــي پيرو پيڪي گهر منهنجو آخرين پيرو ٿيندو. هن کانپوءِ ڏکيو سکيو، هتي ئي گڏ ڪبو..... ۽ يڪدم ٿـــڏي ٿي فيلسوفاڻي انداز ۾ چيائين، "هاءِ! ڪهڙو وقت آهـــي، منا ماڻهو ٻ ڪٽا سنگترا ڏـــي پيا آهـــن....." چولدي چوندي ڦڪي پيئي...

۽ ڏڌهن ون ڏنو تہ هن سندريءَ جي ڳلن تان لڙڪ اڳهڻ لاءِ وڌيا هن مرد جا هٿ. ۽ ساڻ ساڻ ٻـــڌم- "اڙي پگلي، تون سمجهين ٿـــي تہ پيڪي گهر گهڙي گهڙي لي مانو ٿي وڃي، رڳو توکي ٿي خراب ٿو لڳي ۽ دکي ٿو ڪري؟ مون کي ان موٽاجي ڏيکارڻ لي چا خوشي ٿيندي هوندي؟ هنن پنجن ڇهن سالن جي لنڊي عرصي ۾، گهٽيون نوڪريون بدلائيون ويٺون آهن ۽ گهٽا مهنا سکو کو پگهار آندو اٿر؟ اُف حياتي کيڏي نہ ڪٽن آهي!. ۽ مان توکي ۽ هن اُنهم کي هڪ ڏينهن ٻ ٻکڙ ۾ پاهه ٿيندو ڏسي نٿو سگهان....."

۽ مان وڌيڪ ڪجهه ٻـڌان ۽ ٻڌي وڌيڪ ٽپرس کان، اُن بدران ڏنم تہ هڪ نازڪ هٿ پنهنجو خوشبودار

رومال، هن مرد جي آنسن سان تـــر اکڙين اڳيان کٽي جهليو. پٿر موم ٿيڻ بجي وڃو هو. پٿر ۽ موم جو اهو ميلاپ ڏسندو ئي رهان ۽ وَهندو ئي رهان، اهڙو سوڀاڳيه نه ملين، جو منهنجي ريل اڃي وڃي! مان ٽکڙو ٽکڙو وڃي ان ۾ ڇڙهيس ۽ جيستائين ڏسي سگهيس تـــي تيستائين ڏسندو رهيس هـــن خود دار بالڪ، هـــن فيلسوف عورت، هن لڙڪ لاڙيندڙ مرد کي.....

# "۽ مان؟...."

مکان جي چت نٽي پيئي، ۽ محنت جو ميلو ٿي لڳو. سڄي ئي جان ۾ ملات ۽ جنسي جان اچي ويئي. خوب واکو واکاڻ لڳي ويئي-مزدورن ۽ مشين جي، ٽيڪمن ۽ ٽغارين جي. تازا توانا مزدور خوب سڳن سانت ڪري، واس ڏوپ ڏيئي ڪم ٿي جنبي ويا، فوجي سپاهين وانگر. هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي پهاڙ وانگر اڏول. ڪن ريتي پٽي ڪئي ٿي ڪن پٽري. ڪن پاڻي ٿي ڪن سيمينٽ مشين ۾ پٽي وڌي. ڪن ٽنهي چيزن کي پٽي ملايو. ڪن ٽغارين پٽي ڀريون، ڪن اُهي ڪٽي بين کي پٽي پهچايون. ڪن اُهي خالي پٽي ڪيون ته ڪن سنوٽ پٽي سڌي ڪئي.

ڪالون مرد ڪلهو ڪلهي ۾ لائي پٽي هليا. ڪڍن ڪڍن ته ڀريل ٽغارين سان ڏ ڪيا ٿ پئي. ڪلندي ڪيڪاريندي ۽ خوش ٿيندي، گيت گنگائيندي. ٿو جو ائين ڪندا ۽ اچلائيندا ٿي ويا جڳ کو ٻال هو، جنهن سان راند ڪندا هجن.

هن ميلي ۾ فقط مان ٿي هوس جو سوڙو موڙو ٿيو ويندو هوس. هيءَ محنت جي چيچ ڏسي رهيو هوس-

اڪيلو، اُجنبي ۽ بي روح بڻجي. منهنجو ڪر هو ۽ تہ ڏسڻ ٿي. ان ڏسڻ جا ئي هر ڏهن لولن جيڏا هڪ ڏيڏ سؤ روپيا ملندا هئا. سپروائيزر هوس-ها سپروائيزر! ڪيڏو نہ شان مان وارو عهدو هو. نہ؟

ان شان مان خاطر ئي تہ آ اڻو چنو چڏي آيو هوس. پاڃائــيءَ چيو هوم، "لنڊڙ، ڪيترو وقت اڃين وينو ڪائيندين-وڃي ڪو پنهنجو ٻوڙو ٻار."

مون سمجهيو، هوءَ ڏاريو رڻ آهي-ٽنهنکي چا ڪهڪاءُ پوندو. پاڙي کي دانهن ڏنم-"گهٽ ۾ گهٽ مٽرڪ نــ پاس ڪريان، جڳن ڪــا شانائتي مالائتي نوڪري ملي."

چيائين، "في الحال جيڪا ۽ نوڪري ملي، سا وڃي ڪر. پوڻهي ۾ ڪو ۽ اُهم ڪونهي. پاجاءُ بــ ٽوپو ٽرو ڏيئي پيئي گهر جــا ٽنگ ڀــري. ڪيستائين ٽنهنجو مٽرڪ ناپاس ٽيڻ ۽ ٽڪمڙو ڏهڻ سهي سگهبو؟"

بس گهر چڏي آيس. جڻ گهر نــ هو، فقط گاري چني جــون پٽيون چٽيون هيون. دل ۾ چيو هــوم، "ڪنهنجي ٽڪمڙ چــو سهجي؟" پر هڪي اهو ڪيئن چوان! چڻي ۽ ڪيئن سگهندس؟ جو سنو اٿم، سو مان ئي نٿو چاڻان، دنيا ۽ چاڻي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪن عزيزن موڙانهن اشارو ڪري پاڻ ۾ ڀاڪ ڀاڪ ڪئي هئي، "فلاڻي جو پٽ اٿيئي! چــا

برحال کیا الس!" يا "ويچاري کي، سڳي پاڻ ۾ ڪيي چڏيو آهي." حقارت ۽ همدرديءَ جا هي اظهار بڌي گهٽتائيءَ جـو احساس گهٽيندو اٿر. نہ نـ، ڪڏهن گهٽيندو هوم. هاڻي نہ اهو احساس ٿي نہ رهيو آهي. پنهنجي ماڪن جون ٿي، مون خبر لاءِ ڪيترين ڀيرن لعنتون سنيون آهن ڪوڙا الزام سنا آهن، طعنا تمڪا بڌا آهن- انهن ٿي ڪنن سان. جن سان پاڃائيءَ ۽ پاڻ جا رڳو ٻه اکر ٻ مونکي آگ ٿي لڳا هئا.

هاڻي نہ بس هن مشين وانگر ئي احساس ٿي ٻيو آهيان، جيڪا سيمينٽ، ريتي ۽ پٿريءَ کي ملائي اهو فولاد ٿـي بڻائي، جنهن ڪي ڪيترو ٻ برجو اثر نـ ڪندو آهـي.

صبح جو سويل ڪم ٿـي ايندو آهيان. سنجها ٽاڻـي ويندو آهيان گهر. گهر؟ نہ هڪ هوٽل جي چنل ڪٽ. سيٽ جـو هڪ سؤ ڪم ڪندو آهيان. پارهن مهنن ۾ هڪ ڏينهن ٻـ رام جـي اجازت ناهي. آرام معنيٰ پگهار ڪٽ. ۽ ڪڏهن ڪڏهن "ڪم ناهي" چئي سيٺ زوريءَ آرام ڪرائي پگهار ڪٽي ٿي وڃندو آهي.

پوءِ ٻ جس نہ پوندو آهي. جس لاءِ ٿي نہ هي پراڻي جيڪي ٿو. جس ٿي سڄو جهان ٻ ڪنهن ٿي ڪٽي سگهجي ٿو. ۽ جس نہ پوي نہ پير ٿي ٽپي پون. گڏيل

چٽن پنجن سالن ۾ الاجي کيترا مالڪ مٽايا اٿم. عجيب آهن هي مالڪ. پگهار ۱۰۰، ۱۵۰ رپيا ڏيڻي رسيد ۲۰۰ جي ونندا. انڪار ڪر تہ نوڪري ڇڏي. ڪنهن ملازم جي بي ايماني ۽ جي، مالڪ اڳيان پٽ وائکي ڪيم لہ نہ نوڪري ۽ ڪان جواب. ڪنهجي ڪاري ڪوجهي، منڊي ڏنڊي مائٽياڻي ۽ سان لاڻون نہ لڏم تہ نہ نوڪري ڪاڻا. عجيب غريب مرضيون آهن هن مالڪن جون. ۽ ماڻهو چوندا آهن، "پير ۾ چپر ائيڻي چا، جو ڪتي ٽڪاءِ لٿو کائين؟"

بس هاڻي ٽڪاءِ کائڻو ئي آهي. انڪري مان-ايمان جس-آپجس کي اندر ئي اندر گهٽي ڇڏيو آئم. مڙيڻي پيٽ ڪتي کي ٽڪر ڏيڻو آهي.....

۽ ائين ويچارن جي وچ سير ۾ غرق هوس جو ڪنهن جي رڙ، سڃاڻ ڪيم، "چٽي چوري، هي چا ڪيئ؟ ٻاوجيءَ جي ڪپڑن تي داغ ڪري ڇڏيئ؟"

"چاڻيءَ ٻڌي ٿوريئي ڪيم، نغاري ڪي ويئي. معاف ڪجو." چوندي مون ڏانهن نهاري مرڪي ڏنائين ۽ منهنجي ڪجهہ نہ ڪيڻ ئي هوءَ پنهنجي آگوٽي کي لڪ ئي رکي آگريون لوڏائيندي، مزدور ڪي چيڙائڻ لڳي. مونکان آلاجي ڪيڻ مرڪ ڪري ويئي نہ هوءَ ٺهڪ ڏيڻ لڳي ۽ ٻانهون لوڏائي قرموٽيءَ والگر قرڻ لڳي. مزدور تهائين غصي ۾ لال ٿي ويو. "سالي ڪير

پورو ٿئي ٿو توکان حساب وٺندس."

"اڙي وڃ وڃ، آيو آهي حساب وٺ وارو،" چوندي هوءَ هلي ويئي ۽ پنيان نهاري مرڪندي ويئي.

ڇا ٿو فلک هٿي هن مزدورڻ جي! مان نه ڪنهن وقت اهڙي فلک ڏيکاريندو هوس. هر من چيو، "هن جي فلک تو واري سکڻي ڪني ڪانهي."

مون مزدور کي چيو، "ههڑي خسيس ڳالهه تي ايڏو غصو ڪيو آهي ڇا؟"

"بابو جي، غصو نه ڪجي ٿو ڪم ئي نه ٿئي. ٽڏو ٽڪر ماٺهو نهي ٿو ڇا ڏسو نٿا ٿهڪ ڇڻي جي غصي واري هڪل ڪيئن ٿو سيني مزدورن ۾ ڦڙلي آڻي پيئي ڇڏي."

اڄ هيءَ ٽئين ڳالهه ٻڌي هئم. ۽ هڪ مزدور جي واتان، جنهن غصو سهي نه ڏنو هو ٿو ڪري نه ڏنو هو. مون غصو فقط سنو ئي هو ۽ جڏهن ڪيو هوم ٿو ڪم ئي نه ٿيو هو. هاڻي ٿو پاڻکي ٽڏو ٽڪر ٻڌائي ڇڏڻو هوم. انڪري هاڻي مرڻو مليو هوم ٿو اهو به هٿان ڇڏي ڏنم. مون چيو، "هن چوڪريءَ ٿو ٻي خيالو ٽنهنجن ڪپڙن تي معمولي داغ ڪيا آهن جيڪي ڏوئي ٻه سگهجن ٿا، پر جن انسانن ٽنهنجي دل تي اَمٽ داغ ڪيا آهن، تنکي تو ڇا ڪيو؟ هن مهنٽ ٿو وري ٻه معافي ورتي ۽ مرڪ ڏني."

هنجي مرڪ موهيو هوم، الکان ڪيئن انڪار

ڪريان؟ سچ ته اَڄ ٿي، سڌ پيئي هئم ته ماڻهو مرڪ لاءِ ڇو مرندا آهن. هيءَ مرڪ ڪنهن کير جهڙي اڇي خوبصورت گجر جي به ته ڪانه هئي. مزدورڻ ته اُماس جهڙي ڪاري هئي، پورن ڪاري راتُ. هنجي ڪنن ۾ ڪوڙن ڳاڙهن هيرن جون ڦلهيون، اکين ٿي چمڪيون، جڏن ٻاڦ اونداهيءَ ۾ ريڊ سنگدل. فقط جڏهن مرڪيائين ٿي تڏهن اَڇا ڏند اکين ٿي نظر آيا، جڏن شوخ ڪارن ڪڪرن مان وچ وهندي آهي. ليڪن مرڪ ٿي اَڇاڻ، ڪاري جي مهر ته ٽيندي ڪانهي. ها، اُنجا انسانن وانگر به طبقا ضرور ٽيندا آهن-مطلبي ۽ معصوم. هيلتائين ته مونکي رڳو مطلبي مرڪن جا ٿي ڏيرِ ملیا هئا، جن موهڻ بدران مونکي جنسي مسلي ڇڏيو هو. ليڪن هن محنتڻ جي معصوم مرڪ مونکي مچلائي ڇڏيو هو. منهنجو نظرون هنجو پيڇو ڪندون رهيون.

هوءَ هڪ دفعو وري آئي ۽ موقعو تاڙي چيائين، "ٻاجوجي، اکين ۾ نهاريو. ڪٿي نظر نه لڳي وڃي." هوءَ ٻيني ڪاڻ، رڳو پٺ ورائي مرڪيائين. پوءِ ٻين مزدورن سان گڏ قطار ۾ گم ٿي ويئي ۽ ڪم ۾ مشغول ٿي ويئي. مان شرمائجي ويس. هن ڏان نظرون هٽائي چوگرد ڏٺم. عجب پئي لڳو ته هيڏيون ڀريل نغاريون ڪٽي هي ناڙڪ بدن عورتون ڪيئن اڇ وچ ۾ ميان

جا ميل هلي ٿي سگهيون! اُسين ماڻهو ٿا جيڪر ايڏو هوجو ڪٽنديٽي ڏيڪي ڇڏون. اسين سڀ وقت پيا پنهنجو ڏيل ڏسندا آهيون .....

اُچانڪ ٽي هڪ قرنڊڙ هار جيان، قطار مان هو مزدور جنهنکي منهنجن ڪڙن خراب ٽي پوڻ جو تاءُ ٽي ويو، منهنجي ڀر ۾ اُچي بيٺو. چيائين، "ٻاهوجي، ڏسجو ويهي اسانجي محنت. هيءَ جاءِ اهڙي مضبوط ٽيندي، جهڙو هو سامهون ٻنگلو ڏسو ٿا نہ! توهين ڇيو ڇو؟"

مونکان کل نڪري ويئي. چيم، "ٻڌاءِ ڇو؟"

"ڪلڪ جي ڳالهه ناهي،" مزدور جو قد فخر ڪنان هڪ ٻ انچ وڌيڪ اُپو ٽي ويو، "سائين اڇڪلهه ڪٽي ڪٽي ملاوٽي سيمنٽ ڪم ٿا آڻين. هڪڙي ٺيڪيدار ملاوٽي سيمنٽ ڪم آڻي ڪر ڪرايو ڪجو ۽ ٺڪر ڀڳائين اسانجي ڪم مٽان. اَصل مزدوري ڪٽي رکيائين. اسين ٻ ڏرڻو ماري ويهي رهياسين ... بس آڻ ميٽي پيس."

مان اَڃا سندس فخر کي، جنگ ۾ سوٽ حاصل ڪيل سپاهين جي فخر سان ڀيٽي رهيو هوس، جو هي مزدور ڏکندو اُن هار جيان قرنڊڙ قطار ۾ شامل ٽي ويو. عجيب آهي هي قطار. سندس موٽي ٽڙي پکڙي ٺڪري وڃن ۽ ڪيڏي مهل وري پنهنجو پاڻ پوئجو ٿا وڃن، ان محنت جي ڏاڳي ۾، ڪوئي اڪيلو ڪونهي، ڪوئي اَجنبي ڪونهي .....

۽ مان؟.....

# اِنساني جذبو

۱۸ جنوري ۱۹۵۶ع. اُهو عام هڙتال جو ڏينهن هو. "دادر" جي ٻئي نمبر پليٽفارم تي ٽرين جو انتظار پئي ڪيم. ٽرين ڪافي دير لڳائي هئي. وقت ڪاٽڻ لاءِ "ٽرُو رومانس" (سچو عشق) مخزن پڙهي رهيو هوس. اوچتو، "آڪاش پاتال هڪ ڪندا سين!" "بمبئي مهاراشٽر سان ملائيندا سين!" جي نعرن، پڙهڻ ۾ رخنو وجهي ڇڏيو. مون ڏنو ته منهنجي پرسان ئي ۴۵-۵۰ ورهين جو ڪڙوپڙ ڏولي بدن شخص نعرا هڻي رهيو هو. هن جي ڳچيءَ ۾ هڪ پوسٽر لٽڪيل هو، جنهن ۾ سميڪٽ مهاراشٽر جي اڳواڻن جي گرفتاريءَ ۽ بمبئيءَ متعلق هند سرڪار جي ڪيل فيصلي خلاف عام هڙتال ڪرڻ لاءِ اَپيل هئي. جلد ئي اهو شخص ڊوڙ پائي ٽئين پليٽفارم تي بيٺل لوڪل ٽرين ۾ وڃي چڙهيو. هن جي پٺيان پوليس وارو ڊوڙڻ لڳو. ليڪن هن کي جهلڻ کان اڳي ٽرين هلي ويئي. پوليس وارو هٿ مهٽيندو رهجي ويو.

مان ان عمر چڙهي آيل شخص جي بيباڪ شخصيت تي حيرت ۾ اڃا سوچي ئي رهيو هوس، ته پٺيان بندوق جو آواز ٻڌم. ڪن ٻل لاءِ بدحواس ٿي ويس. گولين کان

بچڻ لاءِ ڪنهن ٻئي پنيان لڪڻ جي ڪوشش ڪيم.
پر جڏهن پليٽفارم تي دولهون چانڇڻ لڳو ۽ اکيون
ڳوڙهن سان ڀرجي ويون، تڏهن سمجهيم ته پوليس
ڳوڙها آڏيندڙ گئس ڪم آندي آهي. پوليس جيتوڻيڪ
اسٽيشن جي ٻاهران گئس ڪم آندي، تہ بہ ان جو اثر
پليٽفارم تي بينل ماڻهن تي ٿيو.

نيٺ، ڏهين ڇڪي جي ٽرين، سائيڊ ڏهين ڇڪي آئي.
البت هونئن کان ٻيهر گهٽ هئي. روز واري گاڏي ۾
چڙهيس ته ڪيترائي سچائل مهاندا ڏسڻ ۾ نہ آيم. وري
بہ شڪر هو جو ٿي مرهٽا ڪلارڪ سائي موجود هئا.
اسين دروازي وٽ ٻيهي ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. ٽرين
هلي ته مون هڪ سائيءَ شري ديشپانڊي کي چيڙائڻ
جي لحاظ کان مشڪندي چيو، "ٻمبئي ٽمڪي ناهي،
ٻمبئي اَمڪي آهي!"

هن کابہ ورندي نہ ڏني، فقط مشڪي ڏنائين. مان
پنهنجي ناڪاميابيءَ تي دل ئي دل ۾ ڪڙڻ لڳس. اڄ
ديشپانڊي هونئن کان وڌيڪ سنجيدو ٿي لڳو. جيڪو
انسان ڪڏهن بہ ڳالهائڻ جو موقعو هٿان نہ وڃائيندو هو،
سو اڄ چيڙڻ تي بہ سن ۾ ڪيئن تي رهي سگهيو! هن
جي مان مون کي ٻيچين ڪرڻ لڳي.

مون وري بہ مذاقي نوع ۾ چيو، "چاهي ڀائي،
دنيا جي چونڪاري جو سڄو ٻار پاڻ ئي اڪيلي سر

کٹندين ڇا؟ يار، مکار ولد مان کي ٻ اکر نہ ٻول!"

هن وري ٻ جواب کونہ ڏنو. ليکن مون کي ڇڻ جواب ملي ٿي ويو. اچاڪ ٻ چار پٽر زوم سان اڀ-ي لڳا. هڪ منهنجيءَ ٻانهن ٿي، ۽ ٻيو ديشپانڊي کـي لڳو. پٽر کافي وزندار ۽ ڇهنبدار هٽ ڪري منهنجيءَ ٻانهن مان رت وهڻ لڳو.

سڄي گاڏي ۾ رڙوررڙ مچي ويئي. "ڪڙڪـي بند ڪرو... غنڊي پٽر ڦينڪتي هين... يي موالي لوگون ڪا ڪـام هڻ!" سيني پاسن کان درين بند ٿـي ويڻون. ٽرين ۾ ڪي منٽ تہ موٽ جهڙو سناٽو ڇائجي ويو. ان وقت ٽرين دادر ۽ ايلفنسٽن روڊ جـي وچ ۾ هلي رهي هئي. ايلفنسٽن اسٽيشن آئي. پلٽفارم تـي حشام ماڻهن جا ٻينا هئا، پر ٽرين ۾ ڪـو ايڪڙ ٻيڪڙ چڙهيو.

"غنڊن" جي پٽر باڙيءَ اسان ٻنهي دوستن جـي رخن ۾ قير و آڻي ڇڏيو. مون جوش مان ديشپانڊي جي ٻانهن جهلي چيو، "چا، هڻي غنڊاگيري ڪري ٽوهين ٻمبئي وڃڻ تا چاهيو؟"

هن ايڏو تہ زوردار ٽهڪ ڏنو جو اوسي پاسي ٻينل ڪي مسافر تہ چرڪي ويا. ٻوءِ پنهنجي ٻانهن زور سان ڇڏائيندي چيائين، "غنڊا ڪير آهن. اُهـي، جيڪي ناڻي جي زور تي ٻين جو حق ڦٻائڻ تـا چاهين يـا

جيڪي پنهنجي حق لاءِ تا لڑن؟"

"پٽرن سان حق لاءِ لڑيو آهي؟"

"جڏهن اڳوانن کي چورن واڱي ڪنيي ناحق جيل ۾ نونسيو ٿو وڃي، صلح پسند مظاهرن تي بندشون وڌيون ٿيون وڃن، تڏهن ماڻهو ڇا ڪندا؟ تو خود ٻڌايو هو ته ۱۹۴۲ع واري ۽ هلچل ۾ انگريز سرڪار جي ڪاروبار ۾ رندڪ وجهڻ لاءِ توهان بسن، ٽرينن وغيره تي پٿر اڇليا هئا..."

مون هن کي وچ ۾ ڪٽي چيو، "انگريز ڏاڍا هئا، هي ۽ سرڪار پنهنجي آهي."

"برابر. ليڪن انگريز ظالم هئا، هي ۽ سرڪار ته ظالم آهي. ظالم کي ڪڍهن به پنهنجو نه سمجهبو آهي." ۽ پوءِ پنهنجي مڪ ڏيڪاريندي چيائين، "ظالم سرڪار فقط اهائي ٻولي سمجهندي آهي."

مون ڪن رکي چيو، "تون ڪيئن ٿو چوين ته ناڻي جي زور لي اوهان جو حق قبايو ويو آهي؟"

"جڏهن وزير اعظم قبول ڪري ٿو ته بمبئيءَ تي مهاراشٽر جو حق آهي، ته پوءِ اها چولتي ان سان گڏي وڃي؟ مطلب ڇا آهي ته اٽين ڪروڙ سان گجراتي سرمايدار جيڪي ڪانگريس کي ۽ سرڪار کي پيسي جي مدد رهيا آهن، تنهن کان ناڻي واريندا. تون پري نه وڃ، هن ٽرين ۾ ويٺل گجراتين کان

پڇ، جن مان کي نديا واپاري، کي دڪاندار، ۽ کي ملازم آهن، ۽ بمبئيءَ کي مهاراشٽر سان گڏ ڪين نقصان ٿيندو؟ پاڻيءَ کي پنهنجو پاڻ کائيندو آهي. چند سرمايدارن کي اهو ڏپ آهي ۽ اڄ هو جيڪا من مانيَ ڪري رهيا آهن، سا شايد پوءِ نه ڪري سگهن. باقي عام گجراتي ۽ اسان سان سوين سال گڏ رهيو آهي. دُور دُور ڳوٺن ۾، سڄن مرهٽن جي وچ، هو باسلامت سکيو ستابو وينو آهي..... تون ڪي ٻڌاءِ، توهان کي سنڊ چو چڙي پيئي؟" هو چولدو رهيو- "اُلي سالن کان هندو مسلمان پاڻ ۾ ڪير ڪڏ ڪي وينا هٿا. هي مٽ جيترا سرمايدار آهن، جن پنهنجي نفعي جي خاطر سنڊي هنڊن ۽ مسلمانن کي ويڙهايو، ۽ جيڪي اڄ عام گجراتين ۽ مرهٽن کي ويڙهائي رهيا آهن. بمبئي کي مهاراشٽر کان کسڻ ناحق آهي، نسورو ناحق!..."

او چتو ٽرين بيهي ويئي ۽ سميڪت مهاراشٽر جا نعرا ٻڌڻ ۾ آيا. اسان در کولي ڏنو ته ريل جي پٽن تي ڏهه پندرهن ڇڪا وينا آهن. هڪدم ديش پانڊي ٽپو ڏيئي اتيون، ۽ "بمبئي مهاراشٽر جي" جا نعرا هڻندو وڃي انهن ماڻهن سان گڏيو. اسان هن کي گهٽيئي سڏ ڪيا، نوڪريءَ جا واسطا وڌا، پر هو نه موٽيو. اسان جي پرسان جو ڪرستان بيٺو هو، جنهن اسان جون انگريزي ۽ هندستانيءَ ۾ ڪيل ڳالهيون دلچسپيءَ سان

بڌيون هيون ، تڏهن ديش پانڊي لاءِ چيو، "سالو ڪو ڪميونسٽ هو!"

جڏهن ٽرين هلي ، تڏهن اسان ڏٺو ته پوليس پٽن ٽي ويٽل ماڻهن کي جهلي ويٺي هئي ، ۽ ديش پانڊي ماڻهن کي هٿ لوڏيندي وداع ڪري رهيو هو .

ڪجهه وقت ته اسان جي وچ ۾ ڪاهه ڳالهه هولهه ڪانه هلي. منهنجي ڪن ۾ ديش پانڊي جا پڇاڙيءَ وارا لفظ ڀري رهيا هئا. "هي مٽ جيترا سرمايدار ٽي آهن، جن پنهنجي نفعي خاطر سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهايو ، ۽ جيڪي اڄ عام ڪجرائين ۽ مرهٽن کي ويڙهائي رهيا آهن."

آخر منهنجي ٻڌي دوست، شري نڊڪرنيءَ، مائٽ کي ٽوڙيندي چيو، "ڪيئن سائين ، پٽن ٽي ويٽل غنڊن ۽ مرالين جو درشن ڪيڙ؟"

هن جي ٽوڪ منهنجيءَ دل ۾ تير وانگر ڇڪي ويئي. ٽرين جي پٽن ٽي ويٽل سڀ سفيد پوش هئا ، جن مان ڪي ته سوٽيد بوٽيد نوجوان هئا. آءٌ شرم ڪان جنسي پاڻي پاڻي ٿي ويس. ڳالهه کي بدلائيندي چيم: "دوست ، مان اوهان وانگر نئرومائينديد (ننگدل، نه آهيان؛ مان ڪاسماپالیٽن ( سرو ديشي) خيالن جو آهيان."

ايتري ۾ ٽرين بيهي ويئي. اڳٽين گاڏي ۾ سميڪت

مهاراشٽر جي حمايتن زنجير ڇڪي هئي.

اسان جي ٽئين دوست، شري پاٽل، منهنجن خيالن جي تائيد ڪئي. لڏڪڻيءَ جوش مان منهنجي هٿ مان "ٽرو رومانس" آمريڪن مخزن کسي، هڪ ننگي استريءَ جي تصوير ڏانهن اشارو ڪري چيو:

"تنهنجي ڪاسماپالیٹنزم توکي اهائي سکيا ٿي ڏئي نہ ٿون پنهنجي ٻولي، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي وساري هن ننگي تصوير وانگر پالهو ٿي پئين، ۽ هڪ مردو ٻڪي پئين، جنهن کي کو به نالو نيشان نہ ٿيندو آهي!"

هن پنهنجي لهجي کي سنجيندو ٻڌائيندي چيو:

"توکي اسان جي ڪاتي ۾ نوڪري ڪئي ٻہ - ايڏائي سال ٿيا آهن. ان عرصي ۾ مون مشڪل سان تنهنجي هٿ ۾ کو سندي ڪتاب يا مخزن ڏٺي آهي. ها، تنهنجي هٿ ۾ 'ٽرو رومانس'، 'گاليا'، 'ريڊرس ڊائجسٽ' وغيرهہ آمريڪي مخزنون ضرور ڏٺيون اٿم. ۽ ٿون فخر سان چوندو آهين تہ توکي سندي ڪتاب ۽ مخزنون نہ وٺندیون آهن. هن کان وڌيڪ گراوٽ ٻي کهڙي ٿي سگهي ٿي؟ پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي پيار ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ ٽڙڻ، دوست، تنگدلي ناهي، ٻلڪ اهو انساني جذبو آهي، جنهن کي ڪچلي نٿو سگهجي.

معاف ڪج، مسٽر منسڪاٽي، جنهن وٽ اهو جذبو ناهي، سو... زنده لاش آهي!"

ٽرين مهالڪشميءَ تي پهتي تہ ندڪرليءَ چيو، "مون کي هينئر آفيس وڃڻ لي دل نٿي ٿئي، مان واپس وڃان ٿو." ائين چئي هو لهي ويو. منهنجي ٻئين دوست پاڻ کي خالي جڳهه ملي ويئي تہ اُتي وڃي ويٺو.

ٽرين هلڻ لڳي. منهنجي اندر ۾ آندماند هئي. دماغ ۾ جنسي پوڻڪمپ متل هو. ديشپانڊي ۽ ندڪرنيءَ جي ڳالهين ۽ ڪارنامن منهنجن خيالن کي پاڻ کان ونڊي ڏوڏي ڇڏيو. هر گهڙيءَ ندڪرنيءَ جا پويان لفظ ياد اچڻ لڳا: "پنهنجي برليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي پيار ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ ٿڻ انساني جذبو آهي... جنهن وٽ اهو جذبو ناهي، سو زنده لاش آهي!" منهنجي دل ۾ پنهنجي برليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ جي محبت جو سمهيل جذبو جاڳي اٿيو. مون ٽرين جو دروازو کولي ڇڏيو. منهنجون اکيون دور دور ڪن وڃايل چيزن کي ڳولڻ لڳيون. سنڌڙيءَ جي ڳوٺن کي، شاداب کيتن کي، درياهه شاهه کي، ڍڻ ۽ پٽن کي، اُڻ ۽ جتن کي، جهوڪين ۽ ڪوٽڙن کي، منگهن ۽ ڪڏن کي، ۽ سپ ڪان وڏيڪ حيدرآباد کي، اُن جي انهيءَ گهٽيءَ جي اُنهيءَ اباڻي

چئي کي، جنهن ۾ مان رهندو هوس، جنهن جي ٻرسان هاشم ڪٽي رهندو هو، جيڪو پيار مان مون کي "بادل" ڪري ڪوٺيندو هو، ۽ جنهن جي شفقت ٻريءَ هيڄ ۾ نامعلوم مون کيترا سال گذاريا هئا... الهن سيني شين کي زلده ڏسڻ لاءِ منهنجي دل ڏڪي اٿي.

هاشم ڪٽيءَ جي يادگيري ايندي، منهنجي سامهون سنڌ ۾ رهيل آخرين راڄ جو نظارو ڪري آيو. ۱۹۴۸ جي سياري جا ڏينهن هئا. نماشام جي وقت هاشم ٿڙ ڪپڙا ڏوئي موٽيو هو. سهڪندو سهڪندو سرڳي بابي کي ڪن ۾ اچي چيائين، "ديوان، اڄ راڄ جو هن محلي ۾ مسلم پناهگيرن جو حملو ٿيڻو آهي!" بابي ان وقت ٽي سڄي پاڙي ۾ رهيل باقي هندن ۽ مسلمانن کي ميڙي محلي جي ٻڌاءَ جو بندوبست ڪيو. حملو ته ڪري ويو، ليڪن بابي جي دل ڏٺي پيئي. ٻڌي ڏينهن ئي وطن جا وڻ ڇڏياسين. اسان کي ٻوءِ خبر پيئي ته حملي ۾ ڪن مسلم زميندارن جو ڀاڻ هٿ هو.

هاشم بابي کي گهٽ ئي چيو، "پاڙي ۾ اَچو-اَما ئي وينا آهيون، جيستائين اسان جو سر سلامت آهي تيستائين اوهان جو وار به ونگو نه ٿيندو"، ليڪن بابي روئي ڏنو، ۽ سندس زبان مان شاهه لطيف جون ٻه ڪون مس اُڪلي سگهيون:

"آدمين اخلاص، مٽائي مانو ڪيو،
ڪوڙ ڪائي ڪڍهين، سندو ماڻهن ماس!"

هاشم روئي ڪڻي رڄ ۾ريا. ان وقت هاشم ۽ اسان جي ڪتب مان اهڙو ڪو به پائي نه هو، جنهن هنجون نه هاريون.....

ٽرين چرچگيٽ تي پهتي. منهنجي ڪلپنا ٽٽي پيئي. واڇ ۾ ڏنر ته بارهن لڳا هئا. سنڌڙيءَ کي ساريندي، منهنجو هينئون ڀرجي آيو ۽ اندر ۾ پيڙا محسوس ڪيم. اڄ اهڙي ٽي پيڙا غصي جي زوپ ۾ مرهٽن جي اکين مان ظاهر ٿي رهي هئي، جن کان سندن وطن جو ٽڪر کسيو ٿي ويو. مون انهين محسوس ڪيو ته سامهون ديشپانڊي ۽ ندڪرلي مون کي پاڻ ڏانهن سڏي رهيا آهن. آءٌ سامهون تيار بينل "الديريءَ" جي ٽرين ڏانهن وڃڻ لڳس ته پاڻ چيو، "اڙي ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

"اڄ آفيس نه هلندس!" انهين چوندي ، آءٌ وڃي ٽرين ۾ وينس.

# سفيد چادر، سوميل سڏ کا

ايئرپورٽ تي مسافرن جا ٽاڻي سان نه پر ٽاڻي سان ملندي آهي. سو مونکي به جڏهن مهڻ جا مهنا جيئن گسائڻ بعد ٻيا پکڙيءَ جڳهه ملڻ لڳي، تڏهن اڳين ٻيو سمجهان نه ڇڻ قارون جو خزانو ملي وڃي، جنهنکي ڏسڻ کان لڪائي وڃي پنهنجي آشا واڻيءَ کي ڏيکاريان. هوءَ بدنميز ٻاروهي چوي، "دل هجيئي نه جيڪر کليا ڪٽمب جهڙي ڪنهي نرڳ ۾ ٽپيون نه ڏيارين!" انکري ايئرپورٽ جي ويجهي پسگردائيءَ ۾ ٧٥ رپين مسافرن ٽي هڪ روم وارو هلاڪ حاصل ڪري، ڪٿن نه خوش ٿيندس!

آئٽوار جي ڏينهن پنهنجي شريمتي کي وٺي اچي ٿون گهر وسايم. گهر جي چند ڦوڪ ۽ ٽاهه نوهه مان وائدي ٽي، منهنجي شريمتي ٽئين پاڙي جو سڏ سماءُ لهڻ لڳتي. مان اخبار پڙهڻ لڳس. اڃا اڌ ڪلاڪ به ڪونه گذريو، جو هوءَ سهڪندي سهنڪندي موٽي آئي ۽ ڳلي کي هٿ ڏيئي اچي ويهي رهي. اخبار رکي پڇيومانس، "ڇا ٿيو آهي آشا؟"

هيئڙ سندس ڏکي، ڪجهه ڪاوڙ ۾ بدلي ويو. لڙ ۾ گهنج وجهي چيائين، "جڳهه ئي ورتو نه پاڙي ويڙهي

مان پڇا ڳاڇا ٿ ڪريو ها."

مون ڏيرج سان چيو، "هتي جڳهين لاءِ هٽ ڪس لڳي پيئي آهي، سو ٻين کي ڪيئن بڌائيو. تون ٻـ چوين ٿ ڪيپي نرڳ مان ڪڍ."

"مان ٻ چوان حق ئي ٻڌا پڳڙي جڳهه ملي آهي!"

"پر ٻ آهي ڇا؟ ڪجهه بڌائيندينءَ ٻ، ڪين چوهه چنڊيندينءَ رهندينءَ؟"

"بڌايان وري ڇـا؟ جڳهه ٻ پوُٽ واري وٽي ڏني آئو ٿ؟"

مونکان ٽهڪ نڪري ويو. "سو انهيءَ ڳالهه تـي مٽي آهين." ڪـن وٽ وات آڻي چيومانس، "چري هيءَ ٽنڊو ٻاڪو ناهي، ٻمبئي الٽيئي، ٻمبئي."

آشا ٻاقي ٻ گرم ٿي وئي- "وهان کي ٿ هر ڳالهه ٻ ٻيئي مسخري سجهي."

"ٽـون ڳالهيون جو شيخ چليءَ واريون ڪندينءَ ٿ مسخري نہ ڪبي؟ پلا هڻڙي ٽئين نڪوري جڳهه ٻ پوٽ ڪتان آيو؟"

"چون ٽـا اهو پوٽ هر آرٽوار جي رات جو اچي اچـي چادر اوڍي، اسانجي دريءَ سامهون ٻـيهي ٽهاريندو آهـي، اُنجي ڇايا گهر جي ٻاٽين جي وچ، اٽڪٽ پـيدا ڪندي آهي. الڪري ٽي اڳيان مسواڙي جڳهه چڏي ويا."

"اڙي لوڪي پنيلائڻ لاء اٿين ڇيو هوندائون. مرضي هوندن جڏن کين جڳهه ملي."

"کين جڳهه وٺڻي هجي ها ته نه وٺي سگهن ها؟ ٽي چار مهينا ته جڳهه خالي پيئي هئي. هڻڻي جاءِ کان نه وري ٻه ڪمپ سني. هاڻي اَلاجي ڇا ٿيندو؟"

"ڇا وري ڇا ٿيندو، هاڻي ڪمپ ۾ ٽوروٽي موڻي هلبو. سس نهر جيڪي اُتي جهاموٽيوُن پاٽيندیون آهيو، ڪمپ جي نل ٽي جيڪا ماراماري ٿيندي آهي، ڪاکوس لاءِ جيڪا "ڪيوُ" لڳائڻي پوندي آهي - سڀ ڳالهيون وسري وئه ڇا؟ هتي نڪين جڳهه ۾ پوت آيو ڪتان؟ اڇا جڳهه کي ٽهيٽي سال ٻه ڪوڻ ٿيو آهي. هڻڻي مهڙ مٽي، ٻنا پڳڙيءَ جي جڳهه وري ملندي ٻه ڇا! ڪجهه ڪوڻ ٿيندو. ڊپ نه ڪر. پوت هجي ڪٽي پوت جو بابو هجي، اَسانجي وچ ۾ اڻبٽت پيدا ڪري نه سگهندو."

جڏن ڏڻ ڪري اَشا کي پريائي نند ڪرايم. مان هونءَ نه گهڻو ٽي ٻهادر آهيان، پر نڪون پاڙو، نڪين جاءِ ۽ تنهن سان گڏ آشا جي ڏک ڏر منهنجي دل سسائي ڇڏي. بدن ٽڪل هوندي ٻه آڏي راٽ سوڏو نند نه آئي. اُچانڪ دريءَ وٽ ڪنهنجو پاڇو نظر آيو. منهنجا روم روم کڙا ٽي وبا. پلا هيڏي مهل چورن ۽ پوتن ڪانسوءَ ٻيو ڪير ٽي ٽي سگهيو! پاڇو رڙهي دريءَ

سامهون آڻي چادر ۾ وڙهيل پوٽ ٽي ڏٺو. منهنجا
ڏهٽ پير ٽي ڏري ويا. هڪوار آڻي ٽائيٽ ٽمپ جي
وساڻ جو ويچار آيو، پر ائين ڪرڻ جي همٽ ٽي نه
ٿيو. ايتري ۾ آواز آيو، تون اچي وڃ. مان چڙوپائي ٽي اچان.
ٽلڪ ڏيڻي ٽي اچان." ۽ پوءِ پوٽ غائب ٽي ويو. مون،
جو رڳون سيڻي هي اکر ٻڌا، سو سڄو بدن پگهر ۾ شل
ٽي ويو. ڪجهه وقت ائين ٽي پيو رهيس. اڏ ڪلاڪ
ڪن گڏري ويو. سمجهيم ڏ پوٽ وري نه ايندو. همٽ
ٻڌي آڻي ڪڙو ٽيس. دروازو کولي ليڏو پائي هيڏانهن
ڏوڏانهن ڏاريم. پنهنجي ساڄي پاسي کان ڪنهن کي
پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺم.

اڳيان اچڻ ٽي هنڌي صورت صاف ڏسڻ ۾ آئي.
مان ڏنگ رهجي ويس، جڏهن ڏٺم ڏ اها صورت
ڪنهن استريءَ جي هئي. رات جي اوداهيءَ ۾ بي
هنڌي مرڪ مونکان لڪي نه سگهي. ويجهو اچي
چيائين، "اچ نه..." مان چرکي ڪجهه پنڌي هڏيس ڏ
هوءَ وري مون طرف وڌي. منهنجي منهن ۾ گهوري
ڏاري چيائين، "نه، نه تون ساڳيو ناهين ..." ساڳئي
وقٽ هوءَ پنڌي هڏڻ لڳي ۽ يڪدم ڪڙو ڪڙو جنهن
طرف ڪان آئي هئي، اُن طرف گم ٽي ويئي.

مون ڏر بند ڪري ڇڏيو. ڪجهه وقت ٽي ائين
سمجهيم ٽي شايد ڪو خواب لهي رهيو هوس. ليڊي

هوندي جنن پوتن جي ڪيترين ڳالهيون ٻڌيون هيم، پر ڪڏهن ۽ هڙو دوشيه نه ڏنو هوم. مان سمجهي نه سگهيس ته ڇا هوءَ سچ پچ پوت هئي، يا زلده انسان. هو "ساڳيو" شخص ڪير آهي؟ منهنجي ڪنن ۾ پوت جا لفظ پرڻ لڳا، "مان ڇڙو پائي ٿي اچان، تلڪ ڏيئي ٿي اچان." ساڳئي وقت پنهنجي شرمتي جا اکر پڻ ياد آيا، "پوت گهر جي پائين جي وڃي اٽڪيت پيدا ڪندو آهي." مون جيتروئي آنهن لفظن تي ٿي سوچيو، اوتروئي واڙوڏيڪ ڇوڙهو ٿي لڳم. ڏڌهن دماغ وڏيڪ سوچڻ کان پڙ ڪيي ٻيٺو، تڏهن ننڊ ڪچي ويم.

صبح جو آشا جاڳائيندي چيو، "اُسن جا پت چڙهي ويا آهن، اُڃا ڪيڏي مهل اُٺندا؟ آفيس ۾ دير ٿي ويندو."

مرن ٽڪ جو ٻهالو ڏيندي چيو، اڄ آفيس نه ويندس." سچ ته جڳهه بدلائڻ جي ٽڪ کان وڏيڪ راحت واري پوت جو خيال آيو هوم، جنهن کان آشا کي واقف ڪرڻ واجب نه سمجهيم. اوسي پاسي مان انجي جاچ ڪرڻ لاءِ ٽڪ جو سنو ٻهالو سڃهي آيم. ضروري هاج لاهي ۽ واري گهر ۾ هليو ويس. پاسي وارو نه کو چڙو چانڊو هو. ڏاڍو آدرياءُ ڪيائين. هنجو نالو اگروال هو. هو اخبار لويس هو. دنيا جي خبرچار ڏيڻ لڳو.

کندي کندي مان پنهنجي مطلب ڇي ڳالهه تي آيس.
مون چيو، "چون ٿا تہ اسانجي جڳهه ۾ پوت آهي."
"پوت؟ ڪوکي ڪنهن چيو."
"مون خود ڏٺو آهي."
"ڪڏهن؟"
"ڪلهه رات جو."
"سچ؟"
"سچ."

مون هنکي پنهنجي ڳالهه تي وشواس ڏيارڻ لاءِ رات واري گهٽنا جو سرسٹو احوال ٻڌايو. هو مشڪي اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ مونکي پنهنجي پٺيان اچڻ جو اشارو ڪري جڳهه جي ساڄي ياسي هلڻ لڳو. ڪنڊ واري ٻلاڪ وٽان لنگهڻ مهل هنجا پير ڏرا ٿي وياڻ پر هو ٻيٺو ڪونہ. اسين جڏهن اڳيرو نڪري وياسين تڏهن هن پڇيو، "ڏٺہ؟"

"ڇا؟" مان ڪجهه منجهي پيس.
"پوت، ٻيو ڪير." هن مرڪندي وراڻيو.
"هيڏي مهل پوت ڪٿان آيو؟"
"موٽي هل تہ ڏيکاريانءِ ڪنڊ واري گهر ۾ چتائي ڏسج."

جڏهن وري اسين اُن گهر وٽان لنگهي وياسين، تڏهن هن پڇيو، "هاڻي تہ ڏٺہ ڏ؟"

"ها! بيلي هوءَ لڳي ته رات واري عورت ٿي،" مون چيو.

"هيءَ ئي پوت الٽيئي."

"ليڪن هيءُ ته جيئرو جاڳندو انسان آهي."

اگر وال پنهنجي گهر وڃي هليو. هن چيو، "پاڻي، هتي جيئرا انسان به پوت بڇجو پون."

"سو وري ڪيئن؟"

"تون سمجهين ٿو ته هنجي عمر گهٽي هوندي؟" هن پڇيو.

"۴۰ سال کن ته واه جي ٿيندءِ."

"پر الٽيئي ويچاري ۳۰ سالن جي به کان. هنکي شادي ڪئي ۱۰-۱۲ سال مس ٿيا هوندا. پتيءَ جي جيئري ئي هوءَ وڏوا بڇجي پيئي آهي. هنجو مڙس بيءَ استريءَ سان شادي ڪري وينو آهي. اُن ڏينهن کان وڃي هوءَ لوڙ سائڇجي رهي آهي."

"مگر رات جو اُڇي چادر اوڍي، ڪنهن کي ٿي ڏيکارڻ نڪري؟" مون پڇيو.

هن چيو، "هوءَ ويچاري چا ڏيکاريندي. هوءَ ته خود لوڪ کان ڏڃندي رهي ٿي. ڏڌهن رات جو پوت بڇجي ڪنهن چيز جي تلاش ۾ نڪري ٿي. رات جو نائيٽ ڊيوٽيءَ تان موڙ وقت هن پوت جا گهٽيئي رنگ ڏسڻ جو وڇهه ملیو اٿم. هڪ ڀيري ڏاڍو ته هوءَ سفيد چادر

وڃڻي، ٽنهنجي گهر جي دريءَ وٽ بيهي اندر نهاري رهي هئي. جلدئي دروازو کلي پيو ۽ ٽوکسان اڳيان ويهل مسواڑي ٻاهر لکڻ آيو. منهنجي حيرت جي حد نه رهي جڏهن هوءَ کيس هٽ کان وٺي، پنهنجي گهر وٺي وئي. بس ٿورن ڏينهن کانپوءِ هن مسواڑيءَ جي ماءُ هلائي چڏيو ۽ جڳهه ۾ پوءِ آهي. سندس پٽ ۽ ڪو استاد هو، جنهن ماءُ کي رد قد نه ڪرڻ ڏنو، پاڻ چيائيس برابر پوءِ آهي، جو مولکي آرٽوار راڻ جو وٺي ويندو آهي ۽ مان پاڻ ٽان ضابطو وڃائي وهندو آهيان. ماڻس کا هن کان ۽ افلاطون هئي، تنهن وري پير ٽپائي ڪنيس. آخر جڳهه ئي چڏي ويا.

ڪجهه ڏينهن ٽيا نه منهنجو ۽ هن عورت سان مڪاميلو ٽيو. مان نائيٽ ڊيوٽيءَ تان موٽندي، هنجي در وٽان لنگهي رهيو هوس نه هن مولکي هٽ کان وٺي هندستانيءَ ۾ چيو، "اڇ." مان هٽ چڏائي اڳتي هلي هلڻ لڳس. اڃا پنج ڇهه وکون مس ڪنيم جو هنجي سهميل سڏڪن جو آواز ٻڌم. منهنجا پير اڻوڻ موٽي آيا. هن وٽ اندر ويس. هوءَ پنهنجين ٻانهن ۾ منهن لڪائي روئي رهي هئي. هنجي رودن منهنجي دل ۾ هن لاءِ همدردي پيدا ڪئي. مون پڇيومانس، "پيٽ، تون روئين ڇو ٿي؟"

هن منهنجي همدرديءَ ٿي چڙ ڪندي، ٽٽل ڦٽل

هندستانيءَ ۾ چيو، "پائـي صاحب، مونکي انهنجي همدرديءَ جي گهرج ڪانهي. مان پيار جي ٻکي آهيان، تون هليو وڃ." مان هن وٽ وڌيڪ ترسي نه سگهيس، واپس هليو آيـس. البت هنجي بيوسي منهنجي دل ۾ چپي وئي، جا اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن ڪڏهن بي‌آرام ڪري ڇڏيندي آهي.

اخبار نويس جي ڪهاڻيءَ مونکي به بي آرام ڪري ڇڏيو. مان موٽي پنهنجي گهر آيس. آشا کـي پيراتتي ڳالهه ڪري ٻڌايم. هـوءَ منهنجو همدرداڻو رخ ڏسي، منهن ۾ سوُڌ پائي چوڻ لڳي، "پرائي ڳال لاءِ هڏ تو ڪرڪيڙ."

مون هنجي ڳل تي هلڪي ٽڪر هڻي چيو، "ڏس وري گاريون ٽي ڏين نه."

وقت گذرندي ويم نٽي ٽٽي. مون وري اهو پرت نه ڏنو. نڪو ڪو وري عورت ٽي ٻاهر ڏسڻ ۾ آئـي. ٻڌندو هوس نه هوءَ سڄو وقت چٽن پٽين اندر ٽي ويٺي آهي. آهستي آهستي منهنجي دماغ جي پٽيءَ تـان هنجي يادگيري نه ميسارجي ويئي.

اچانڪ هڪ ڏينهن شام جو آفيس مان موٽڻ وقت هنجي گهر وٽ ٻارن جو گـوڙ ٻيٽل ڏٺم. اڳيان وڌي وڃي ڏٺم نه هوءَ نندو ٽائيم‌پيس هٿ ۾ ڪٽي ڊروٽ ويٺي هئي. گهر ۾ سـپ ٽپڙ اونڌا ٽيا پيا هئس. هنجي

بدن تي صرف سفيد چادر پيئي هئي، جا به کـن هندان قائل هئي. سندس بدن آلو هـو ۽ وار جهنڊولا پئي لڳس. بار چئي رهيا هئا ته سچو ڏينهن سنان کيو اٿس. هوءَ ٻڌ ٻڌ کري رهي هئي. گهڙيال کي نه ٻڌي رهي هئي. گهڙيال نه کو اهڙو نامراد هو جو ڏائل خراب ٿي وڃڻ کانپوءِ نه ٽڪ ٽڪ کري رهيو هو. هـن مون ڏانهن شوڪي نهاريو ۽ بڙ بڙايو، "مان چڙو پائي اچان."
۽ ٻوءِ وڏو ٽهڪ ڏنائين.

مان اڃي وڌيڪ وقت بيهي نـه سگهيس، ٽڪڙو ٽڪڙو گهر موڻي آيس. پنيان گهڙيال جي کڻ ۽ دروازي بند ٿيڻ جو آواز ٻڌم. ساڳئي وقت ٻارن جو جهنڊ چئي رهيو هو، "او چري... او چري!"

# راجا

مان جڏهن پهرئين ڏينهن سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڇڙهيس تڏهن جنهن هڪ ئي شخص ڪيڪاري منهنجي آڇيان ڪئي، سو هو اسانجو مرهٽو پٽيوالو راجا. راجا جي ڪيڪارڻ جو مطلب پوءِ سمجهه ۾ آيو، جڏهن هڪ ڏينهن هو پنهنجي موڪل جي درخواست ڪٽي آيو. ڳالهين ڪندي ڪندي ئي تڪلف ئي ويو، ۽ پڇيائين، "سنڌي ٻاهر، توهين شادي ڪيل هوندا."

"ها."

"اولاد ٻه ڪ هوندو؟"

"ها، هڪ پٽ، ڇو...؟"

"ائين ئي،" چئي راجا نٽائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر زور ڪرڻ تي مشڪي وراڻيائين، "توهانجي جڳهه تي جيڪو ڪلارڪ هو، سو ٽيهن سالن جو هو ۽ ٻه شادي ڪئي هٽائين. جڏهن اڳئين دفعي پنهنجي زال جي بيماريءَ ڪري موڪل جي درخواست ڪٽي ويومانس ته ڏاڍو رلايائين. شادي ڪيل هجي ها ته ائين ڪري ها."

"سو توکي مون مان ٻه اهوئي ڏپ هو؟"

"ها."

"دلجاء کر ائين نہ ٹيندو،" مون کلندي خاطري ڏني مانس. ڳالهه جو سلسلو ٻدلا ٹيندي پڇيو مانس، "توکي گهڻا ٻار آهن؟"

"ٻه."

"عمر گهڻي اٹيئي؟"

"٢١ ورهيه."

"کافي نندي عمر ۾ شادي ڪئي اٹيئي،" مون عجب مان پڇيو.

"ڏهن ڇا، سندي ٻاوُ، اسين ٻاڻو لوڪن وانگر جوانيءَ کي ٽڦائي ٽڦائي پوءِ شادي نہ ڪندا آهيون..."

راجا نہ وٻو هليو، ليڪن هنجي صداقت ۽ معصوميت سان ٽمٽار گفتگو مون وٽ رهجي ويئي. جڏهن هنجي موڪل منظور ٿي، تڏهن شڪرادائي ظاهر ڪندي چياءِ "توهين ڏاڍا سٹا ماڻهو آهيو. اڳيون ڪلارڪ هجي ها نہ موڪل نامنظور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ها."

"ڇو؟" مون حيرت وچان سوال ڪيو.

"هڪ پيري مون، هنجو ۽ ٻئي ڪلارڪ جو شخصي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڇيومان ٽـ مان توهانجو نہ، هر سرڪار جو نوڪر آهيان. توهين نہ مـون وانگر اُنجا نوڪر آهيو. بس پوءِ نہ آڳي جهلي ٻانهي ولـي واري ڪار ڪئي اٹن."

"پر تو نہ نيڪ چين. هو ۽ تو وانگر پگهاردار نوڪر آهن. نوڪر مڙيئي نوڪر."

راجا ٽهڪ ڏيندي چيو، "واهه، نوڪر مڙيئي نوڪر." آئيني ڪڏهن ڪنهين ڏي چيائين، "سنڊي بابو، ڏسجو ڪٽي توهان لي ۽ نہ هن جو رنگ لڳي وڃي. جڏن پنيوري ڪينڊي جي چوڏاري ڦري ڦري آن کي نيٺ پنيوري بڻائي ڇڏيندي آهي، ليڊن هي سرڪاري بي جان ڪالو ۽ انسانن کي فائيلن جي چڪر ۾ گهيڙي گهيڙي آخر بي احساس ڪري ڇڏيندو آهي. سنڊي بابو، توهين نہ بدلجو."

"دل دڪيءَ ۾ رکو، ڪنهنجو سنڊي بابو نہ بدلبو."

راجا ڏي "راجا" ڪالو ڪيڊن پيو سا خبر نہ اڻ. ليڪن هو سچ، پچ بي پرواهه بادشاهه - جريءَ پريو پٽيوالو هو. تيز فهم ۽ هڪڙوئي هو. نہ صرف ڪنهنجي جي ضروري نہ ڪندو هو، پر ڪڙي ۾ ڪڙي صاف گوئي ڪرڻ کان نہ ڪنڊندو هو. الڪري سيني جي اڪ ۾ ڏي پيو هو. آفيسرن هن مان باهر وڃي طرح هڪ ٻي وڏ ڪيي کيس پڪو نہ ڪيو هو. ان هوندي ۽ هو صاف گوئي جي عادت کان باز نہ آيو هو.

منهنجي نوڪريءَ جو هڪ سال سڪ سان پورو ٿيو. اُن عرصي اندر منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي پريا

لٹا ۽ چڑھيا. اَسين ٽن مان چار ٽياسين. چولدا آهن ۽ هرکو ٻار پاڻ سان پنهنجو نصيب کڻي ايندو آهي. ٻار اسانوت هو نصيب ٿ٘ ۽ کڻي آيو اُٽلو چانٽيءَ (تخفيف) جي مصيبت کڻي آيو. چوگرد سرکار آفيسن ۾ تخفيف ڪري پنهنجي کٽلاڻپ کي چٽيون لڳائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. وڏيرآفيسرن کي گهرائي ملازمن کي دير دير سان وهاري وڌيڪ ڪم وٺڻ لاءِ ڏٻائڻ لڳا ۽ آفيسر وري ملازمن کي تخفيف جو ڊپ ڏيئي وڌيڪ ڪم وٺڻ لڳا، جهونا جهونا ڪلارڪ ۽ آفيسرن کان ڪڙي وانگر ڏکڻ لڳا. مان ٿ نئون ڪلارڪ هوس. بي-اي پاس ڪرڻ بعد بي الاجي ڪيترو پٽڻ بعد اها ڪلارڪي مليم. سو تخفيف جي لٽڪندڙ الوار منهنجي ڪلا کايا ٽي ڪيي ڇڏي. آفيسرن جي مسکا پالسي شروع ڪيم. ڏينهن رات پاڻکي نوڪريءَ تي سلامت رکڻ لاءِ گهات گهڙڻ لڳس. جنهن وقت پنهنجي نيڍڙي اَبهر جا چپ ڪير جون هولدون چٽيندا ياد ايندا هئم، تڏهن جڏ ساري بدن ۾ نئون جوش پرجي ويندو هوم ۽ دير دير سان آفيس ۾ وهي ڪم ڪندو هوس.

هڪ ڏينهن راجا موڪل جي درخواست هٿ ۾ کڻي اچي چيو، "دوست هيءَ موڪل ٿ منظور ڪج." مون ذرا ڪڙڪ آواز ۾ ڏهرايو، "منظور ڪج!"

راجا مشڪي چيو، "منظور ڪجو."

مون ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو، "منهنجي هٿ ۾ ناهي. آفيسر جي هٿ ۾ آهي."

"اڳيئر ته آفيسر جي ٻي هٿ ۾ هو. مڙئي ڪرپا ڪجو، پٽ بيمار آهي."

راجا جـــي پوئين جملي ۾ ٻرندڙ ٽوڪ، دل ۾ تير وانگر ڇيڻي ويئي. ڪـــنڌ مٽي ڪري، رڙ ڪـــري چيومانس، "پٽ بيمار ٿيئي ته اسين ڇـــا ڪريون. وچ ... وچ."

راجا ويـــو ته ڪونه، پر گنيير ٿي منهنجي منهن ۾ نهارڻ لڳو. مان منهن هيٺ ڪري ڪم ۾ جنبي ويس. هنجي ويندي اهو ٻڌم، "بس سنڌي ٻاهو ٽوهان ٿي ۽ ٻين جو رنگ، چڙهي ويو. چگو اڄ کان وٽي اسانجي دوستي ڪاڻ."

مون خارن مان راجا جي درخواست ٿي اهڙو نوٽ هنيو جـــو هنجي موڪل منظور نه ٿي. راجا لاءِ جـــڻ موڪل منظور نا منظور ساڳي ڳالهه هئي. هو مان ڪري ڳوٽ هليو ويو. اسان نـــوڪريءَ ٿي چڙهڻ لاءِ لکيس ته جواب موڪلياءِ ته جڏهن پٽ چاڪ ٿيندو تڏهن ايندس.

جڏهن نوڪريءَ تـــي چڙهيو تڏهن وارننگ ملیس تـــ وري جي موڪل ٿي ويندي تـــ التظامي قدم کنيو ويندو. ليڪن بيپرواهه راجا تي ڇڻ اثر ٿي نه ٿيو.

آخر مون کي منهنجي جي حضوريءَ جو اُجورو ملي ٿي ويو. مونکان هيٺ ٻن، ڪرستان ۽ مسلمان ڪلارڪن جي حق کي ماري مولکي پڪو ڪيو ويو. ساڳئي وقت بيءَ برانچ ۾ بدلي ڪيو ويس. راجا سان جڙ هاڻي ڪنهن ۽ ٻهاڻي مڪاميلو نه ٿيندو هو. آخر ضرورت ۾ ڪهڙي هٿي؟ جيئن ميز تي فائيل ايندا آهن ۽ ٿوري وقت بعد هليا ويندا آهن، تڏن انسان ۾ اڪين آڏو آيا ۽ ويا نه انهن لاءِ ياد ڇاجي! ڪم وري ايترو هو جو مٿي ڪنهڙ جي ۽ فرصت ڪانه هٿي. ليڪن هڪ ڏينهن اوچتو "مسٽر ٽالڪاڻي سلام" ٻڌي جو نظر مٿي ڪيم تہ سامهون ساڳيو خوددار راجا ٻينل ڏٺم. "سنڌي ٻاهر، اسانجي موڪلاڻي آهي،" هن چيو.

مون ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيندي پڇيو، "موڪلاڻي! يعني؟"

"يعني تہ توهانجي عنايت سان اسانکي ٽڪيٽ وڻائي ويٺي آهي."

"منهنجي عنايت! سو ڪيئن؟"

"توهانکي ياد آهي تہ ٻيا منظوريءَ جي موڪل تي رهڙ ڪري توهان هڪ دفعي منهنجي خلاف آفيسر ڏانهن ٽوٽ لکي موڪليو هو، جنهنڪري مولکي وارننگ ملیو هو؟ اڄ ٻن سالن ۾ ٻه دفعا ٻيا منظوريءَ جي موڪل ٽي رهڙ ڪري، انڪوائريءَ بعد ڊسچارج

کیو ویو آهیان.

"پر ته توں ائین چو کیو؟"

"پلا ائین نه کریان ها ته چا کریان هــا؟ توهان کي خبر آهي ته اسان جهڙن شخصن کي کيئن نه موکل لاءِ رلايــو ويندو آهي. هڪ پيري ڀال جــي بيماريءَ کري موکل لاءِ لکيم ته کجهه وقت ته جواب ٿي کوڻ ڏنائون. ٻئي دفعي پٽ جــي بيماريءَ لاءِ موکل جــي درخواست وڌم ته اها يڪدم نامنظور ڪياٿون. هاڻي ٽوهين ٿي ٻڌايو ته مان پنهنجي بيمار ڀال ٻــا ٻارن کي اڪيلو کيئن ٽــو ڇوڙ ۾ ڇڏي سگهان. هنڌجي بيماريءَ وارو عرصو آفيس ۾ وهڻ ٿي ڇڻ وهه ٿي پوندو آهي ..."

منهنجي دل مــان سيسرات نڪري ويو ۽ ماضيءَ خون چند تصويرون اکين سامهون قــرڻ لڳيون. اُن وقت سياري جا ڏينهن هئا. منهنجي پٽني پنهنجي بيمار لخت جگر کي بانهن ۾ جکڙي درواڙي ٽــي، هرروز شام جو منهنجي اچڻ جو انتظار ڪندي هئي. ۽ جڏهن مان هرروز آفيس مان دير سان موٽندو هوس تــ هوءَ چوندي هئي، "هن اُبهم جي واسطي ته آفيس مان سويل موٽيو." ليڪن مان مجبور ٿي چوندو هوس، "هــن بيروزگاري ۽ چانٽي جي زماني ۾ آفيس ۾ دير دير سان ويهي ڪم پورو ڪرڻو ٽــو پوي ..." هوءَ خاموش ٿي

ويندي هئي. آخر هڪ ڏينهن اُهو به آيو جڏهن هوءَ نديءِ معصوم کي بي جان فائيلن جي ڍڳ وانگر کڻي گونگا ٽڪ وهائي منهنجي راهه ڏسي رهي هئي .....

مان اَلاجي کيترو وقت پنهنجي تصور ۾ محو رهان ها جو راجا خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، "سنڌي بابو، جن ٻارن ٻڍن جو پيٽ پالڻ لاءِ ڪمائڻي ٿو سي جيڪڏهن پوري پرداخت نه هڻڻ ڪري ختم ٿي وڃن تہ انهن لاءِ پگهر وهائڻ کي ڪهڙي معنيٰ آهي."

"توکي خبر ناهي تہ هو گجراتي ڪلارڪ 'پٽيل' ڇا چوندو آهي؟ اڇڪلهه زال ۽ ٻار ملڻ سولا آهن پر 'نوڪري راڻي' ملڻ مشڪل آهي."

راجا بيپرواهه ڪلي وينو، "اهي خيال توهين بابو لوڪ ڪندا آهيو. پالڻ لاءِ تہ چار ڏوڪڙ، جهڙا تهڙا نوڪري مان ڪمائڻا ٿهڙا هٿ جي هنر يا مزوريءَ مان ڪمائڻا..."

"هٿ جو هنر؟ يعني تون هن نوڪريءَ کان اڳي ڪو ڌنڌو به ڪندو هئين؟"

"ڌنڌو ئي سمجهو. ڪوئين ڪارخانن وارو ڌنڌو ٿي پر هٿراد و شراب ناهڻ جو ڌنڌو..."

مون ڪجهه جهجهڪ محسوس ڪئي. اڻين لڳم جڻ راجا جي گهيبر ڪاري ڇوري پٽيان ڪو ڳڙڪ لڪو وينو هو، جنهنجي سڄي سريرَ مان شراب جي بدبوءَ ايندي هجي. راجا شايد منهنجي جهجهڪ کي پاڻي

ورتو. ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين "...ليڪن مون لڌي چاهيو ته منهنجن معصوم ڪڙن جي جيون ۾ ڪو هن ڏنڊي جي بدبوءِ سراڪا پائي ۽ هنجي زندگي ڪال ڪوٺڙين ۾ پلجي. انڪري ٿي نوڪري ڇڏيم. پر هيءَ بي جان سرڪار اهو ڪٿي ٿي سمجهي سگهي..."

راجا هٿ جي ٽريءَ سان اکين جون ڪنڊون اگهي، جڏهن مٿي نهاريو تڏهن مون محسوس ڪيو ته منهنجي سامهون "ڪڙنگ راجا" بدران "نيڪ راجا" ڪڙو هو.

—oOo—

# پيريءَ جو ٽوشو

مولکي ٻکه لڳندي آهي ته اصل بيهڻ نه ڏيندي آهي. شام جو آفيس مان موٽڻ بعد ڪڏهن ته شريمتي صاحبا جا هي اُملاڪ وچن ٻڌڻا پوندا الم، "جنسي گهوڙي تي چڙهي تا اچو. ٻکه ٽي ڪين چڻي ٽي. چو نه اڳيان در جي ٻاهران ٽي ٽالهي پائي رکائو. آفيس ۾ الاجي ڪيئن ڪندا هوندا؟"

سچ پچ آفيس ۾ منجهند جي مالي‌ءَ لاءِ پاڻيهي ٻوڙو ٻارڻو ٻوندو الم. اُتي شريمتيءَ وانگر ڪير وينو آهي جو ٽريءَ ۾ ٻهشت ڪٽي ڏيندم. ڪنهن نه ڪنهن هوٽل ۾ وڃي پيٽ جي آگ ٻجهائي ايندو آهيان. ڏيڍ لڳ ٽي هوندو آهي نه اڪيون وڃي گهڙيال ۾ انڪندين آهن. جڏن جڏن روٽيءَ جو وقت ويجهو پوندو ويندو آهي، تڏن تڏن ڪمر تان دل لهي ويندي آهي ۽ پيٽ ۾ ولوڙا پوڻ شروع ٿيندا آهن. وري جيڪڏهن عين موقي تي آفيسر گهرائي مالي‌ءَ جو ٽائيم ٽاري چڏيو نه دل ٽي دل ۾ ڪيس حرف ٻڌيندو آهيانس.

تنهن ڏينهن فورت جي هڪ هوٽل ۾ منجهند جي مالي نه پڻي ڪاڏم ۽ اخبار پڻي پڙهيم. اخبار ۾ هڪ خاص خبر آئي هئي نه رشيا ۾ ڪم جا ڪلاڪ گهٽايا

ويا آهن ۽ نديي پگهار وارن جون پينشنون وڌايـــون ويڻون آهن. مان اُنکي ڏاڍي ڏيان سان پڙهـــي رهيو هوس. پلا ڏيان سان ڪير نه پڙهان؟ جنهن خانگي آفيس ۾ نوڪري ڪئي آهي پينشن جو ته ڪالهه به ناهي ، پاڻ کي جا ڪلاڪ وڌائڻ جي مار اٿن. سوچيم پئي ڏ هتي نه ، روس وانگر هرڪنهن کي روزگار ۽ پينشن ملي ته هوند کڙڪو نه سنو ٿئي.

اخبار پڙهندي ۽ روڻي کائيندي هڪ ئي وقت ۾ ڪارج ڪندي خوشيء ۾ قوليو ڏ سمائبر آهيان. ليکن اُن ڏينهن اڃا خوشي مهانگي پيئي . اڃا هڪ پوري مس کاڏي ختم ٿو اوچتو جهڙڪو آيو ۽ اخبار وڃي پري پيئي. چا ڏسان ته سامهون هڪ ڪراڙو ڏولي بند شخص ٻينو ، منهنجي پليٽ مان هڪ هٿ سان پريون ته ٻئي هٿ سان پکوڙا کڻي. جهت هڻي کڻي ڪرائيء کان جهليو مانس، ڪرائي نه هٿي ۾ جنسي لره جي شيخ ٿئي، جنهن کي زور سان جهليندي، خرد منهنجي نرم ٿٽ سور ۾ ڪڙهڻ لڳو.

فورت ايراضي، جنهنکي سچ پچ هڪ مضبوط ڪوٽ سمجهيو ويندو آهي، اُني ڏينهن ڏني جـو ديناداستي ڪوئي هوٽل ۾ گهڙي اچـي روڻي کسي ، تنهن مولکي هڪو ٻکو ٻڌائي ڇڏيو.

اُن اجنبي شخص ڪرائي پکڙيل هوندي به پکوڙا

مٺ مـــان ۾ ڇڏيا. هندستاني ۽ ۾، ليلا ٽيندي چيائين،
"باؤ جي، پنجن ڏينهن کان بکيو آهيان!"

"پنج ڏينهن!!" موتکان جهيٽي رڙ نکري ويئي.
پلا پنج ڏينهن ۽ ڪوڏ بکيو رهي سگهيو ٿي. مولکي
گهر ۾ اڏ ڪلاڪ روڪي ڏيڻ سان ملي ۽ وڻ گهوڙو بڊڻ
۽ ڏيان ۽ هن ۾ پنج ڏينهن اُن ۽ چکيو هو. سڄا سارا
۱۲۰ ڪلاڪ لنگهڻ ڏيو هٿائين. عجيب ڳالهه هئي.
وشواس ئي نه پئي آيو. ليکن هنجون هرڻون نڪتل
ڇهو جو ساکه ڀري رهيو هو. سندس ڏڙا ڏنل اکيون جو
۾ پناهه بيکسي ٽپائي رهيون هيون. شڪل ۽ سائي
جهڙي پيڳ ۽ هڏس ۽ نيم ننگي بدن جون رڳون ۽ نسون
ڏسڻ ۽ صاف ڏسڻ ۾ پئي آيون.

"پٽ، ننهنجي ۾ ۽ جيڏو آهيان، ڇڏيم، بک ۾ پاه
ٿو ٿيان." هنجي اکين مان لڙڪ لڙي پيا.

ننهنجو هنجي ڪرائي ۽ ڪي پڪڙيل هٿ خود ۽ خود
ڏورو ٿي وڃو. هنجي ويدنا ڀريل لفظ بڊندي الاجي ڇو
ننهنجي دل ۾ جي آئي ۽ اندر ۾ گهاءُ پوڻ لڳا.

هوٽل جي هڪ ويٽر، هنکي ڏکا ڏيڻي باهر ڏي
ڪڍيو ڏمون منع ڪئي مانس، تنهن تي ويٽر هندستاني ۽
۾ چيو، "صاحب، توهانکي خبر ڪـــالهي، هن پينن
ڏاڍو ننگ ڪيو آهي. مزوري يا نوڪري نه ڪندا پـــر
پئي ڪائڻ پسند ڪندا."

مولکي هنجي ڳالهه نه آڻڻي.

ويڙهه جا اکر ٻڌندي اجنبي شخص جي شڪل ڳاڙهي ٿي ويئي. اکين مان ٻيڪي آڏامي ويس، لڙڪ سڪي ويس. بدن ڏکڻ لڳس. ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي چيائين، "هاڻو جي، جا ٿوهين نه ائين تا سمجهو؟"

مان اچرج ۾ هنجي بدليل روپ کي ڏسندو رهيس. وري چيائين، "بابو صاحب، سڄي عمر مزوري ڪئي اٿم. گهر بار کي ڇڏي هتي نوڪريءَ جي تلاش ۾ آيو آهيان، پٽ ڪونه آيو آهيان! خالدنيش جي ڪيت ڪيت ۾ مون هر ڪيڙيو آهي. هيءَ روٽي منهنجي پيدا ڪيل آهي. اڄ اُن روٽيءَ تي منهنجو ڪو حق ڪونهي! پنجن ڇهن ڏينهن کان بيمار هوس. سڄي حياتي رت ست ڏنم، ۽ اسان غريبن لاءِ پيريءَ جو ٿوشو ڪتان اڇي؟ هاڻي سگهه نه رهي اٿم نه ڇا پنهي کان؟ هاءِ پنهي روٽي کان! نه... نه مان پينو ناهيان... پينو ناهيان!!" ائين چئي هو ٻوريون ۽ ڪوڙا ميز تي اڇلي رمندو رهيو.

مان ڪجهه دير تائين سن ۾ وينو رهيس. مانيءَ کائڻ تي دل ئي نه ٿي. بڪ ئي مري ويئي. هوٽل واري کي بل ڏيئي آفيس ڏانهن هليس، ۽ پير ڇو نه چرن؟ هو پنجن ڏينهن کان بکيو هو ۽ مون کيس هڪ ڏينهن لاءِ پيٽ پري نه کارايو! وڪ وڪ ڪڍندي مون ائين پئي محسوس ڪيو ته ڪوئي پنهنجان سڏي رهيو آهي -

"پنجن ڏينهن کان بکيو آهيان..... ٽنهنجي پيءُ جيڏو آهيان. بک ۽ پاڻ ٿو ٿيان."

مان اڳتي وڌي نه سگهيس. پنيان موٽي ان گهٽيءَ ڏانهن رخ رکيم، جيڈانهن اُهو ٻيو ويو هو. اُتي نه هو هوئي ڪونه. هنکي ڳولڻ لاءِ دل بيچين ٿيڻ لڳي. پاسي واري پيءَ گهٽيءَ ۾ ويس. هو اتي به ڏسڻ ۾ نه آيو. ٽيئءَ گهٽيءَ ۾ پرين ميڙاکو ڏسي اڳتي وڌيس. چا ڏسان ته گوڙ جي وچ هو سؤمان جو سوامي ۽ مست جو مجسمو ڪري پيو هو! مٽي مان رت پٽي وهيس اکيون پوريل هئس ۽ هوش غائب. تمام آهستي آهستي ساهه پٽي ڪنيائين. اُف! جڏهن کوهه پياسي وت آيو، تڏهن پياس هن جي ساهه کي ذري گهٽ سکائي چڪي هئي.

هنجي مٽي کان وڏو باردانو پيو هو ۽ جنهنجو اهو باردانو ٽي ڏنو سو چئي رهيو هو، "سالي کي سگهه ليي ڪانه، هليو آهي مزوري ڪرڻ....."

مونکي ان ٻڌي جا لفظ ياد آيا، "اسان غريبن لاءِ پيريءَ جو ٽوشو ڪٿان اچي؟ هاڻي سگهه نه اٿم ته چا پئي کان..... مان پيئو ناهيان....." ۽ منهنجي واٽ مان اوخود نڪري ويو، "سيٺ صاحب پلا هن عمر ۾ هن کي کهڙي سگهه هوندي. مزوري نه ڪري ته کٽان کائي؟ پينشن ٽورو ٽي ملیس؟"

"اسين چا ڪريون. وڃي پني ڪائي. ٿو ۽ لاءِ آهي جو پينشن ملندس."

"واهه سيٺ صاحب واهه! اڻوٽي آهي ٽوهان جي سماج جو قانون! انسان سڄي عمر سماج لاءِ وهي پيري ۾ پني ڪائي."

منهنجي جواب جي ان ڏن جڏن تائيد ڪئي، جن سيٺ کي پاڻ پاڻ ڪري اڇي وڃو هو ڪڪو وکو ٿي وڃو. پنهنجي کل بچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن، ٻئي ڪنهن ڪولي ۾ کي سڏ ڪرڻ لڳو. ڪو ڪولي ته ڪوڙ آهي، پر هنجي کل بچائڻ لاءِ سندس رکيک- پوليس وارو اڇي پهتو. هن ڏنبو لوڏيندي فرمايو، "هلو هلو، چاجو گوڙ لڳايو اٿو." ماٺهو ٽڙي پکڙي ويا.

آفيس ۾ پهتس ته ڪم ڪرڻ لي دل ئي نه پيئي ٿئي. پيٽ ۾ ٻڪ ڪاڻ هئي. الائي ڇو من ٻئي منجهيو. اڃين ٻئي محسوس ڪيم ته هو سڄمان جو مالڪ سامهون اڇي ٻينو آهي، جو پيو چوي، "اسان غريبن لاءِ پيري جو ٽوشو ڪتان اڇي؟ هاڻي سگهه نه اٿم ته چا پني کان...؟" گهڙي هو سيٺ پيو ڏسان جو پيو چوي، "سالي کي سگهه ليي ڪاڻ، هليو آهي مزوري ڪرڻ... اسين چا ڪريون، وڃي پني ڪائي." ۽ ڪڏهن هوءَ اخبار اڪين سامهون ٻئي ڦري، جنهن ۾ لکيل هو ته رشيا ۾ ڪم جا ڪلاڪ گهٽايا ويا آهن ۽ پينشنون

وڏاپون ويڙون آهن.

۽ اڄ ڪلهه مان انهن ڳالهين بابت ايترو نه سوچيندو آهيان جو جڏهن شام جو گهر موٽندو آهيان تہ ڪڏهن ڪڏهن شريمتي چوندي آهي "هاڻي ٻوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ يا تہ گهوڙي تي چڙهي ايندا هئا يا تہ روڻي پيٽي ڏري تہ ۽ الاجي ڪهڙي سوچ ۾ وينا آهيو!

# قافلو وڌندو رهيو

هي ڇا ٿي ويو؟... او ڇتو ئي او ڇتو گيت ڇو گهٽجي ويا؟... ٻڌڻ ڇو بند ٿي ويئي؟ ... سامهون منڊپ اڄ ڇو سڃو پيو آهي؟... هي سڀ ماڻهو مان ڇو ٿي ويا آهن؟ ... زندگي ڇو بيهي ويئي آهي؟... ڪي پل لاءِ انهن سوالن منهنجي من ۾ ڇڀ ڀولڪمپ مچائي ڇڏيو.

اُف! مان کڻڻ نه سندر سپنن ۾ لين هوس، ... کڻڻ، نه رنگين ڪلپنا ۾ محو هوس. منهنجي ڪلپنا شاديءَ جي چوگرد چڪر ڪاٽي رهي هئي. هيءَ شاديءَ جو نانو به کڻڻو نه عجيب آهي، جيڪو بن اُجنبين کي ملائي هڪ ڪيو ڇڏي ٿ هنجي گود کي هريو ڀريو ڪري، انساني زندگيءَ جي چمن کي سدائين لاءِ سر سبز رکندو اچي.

سوچيم پئي ته، اڄ ومل، جيون ساڻيءَ کي پائي ڪيڏو نه خوش ٿيندي، هنکي پاڻ لاءِ ڪيڏو نه بيقرار هوندي، ليکن هي ڇا ٿيو؟... هيءَ ڀڙ ڀڙ ڇاجي آهي؟ ...هي ڇا ٿا ڇون؟...

"ومل شاديءَ کان انڪار ڪيو آهي!"

"ڇو؟؟

"چوڪرو ريڊيوگرام ٽو گهري."
"مائٽ چوڻ تا ڪٽي ڏيئس؟"
"ٻيلي هي ٿ نسورو ظلم چٽبو. ٿ ٻول نہ چول ڪٽي ڏيئس."
"چورن جو ٿ اَصل مگج (مغز) ٽي ڦري وڃو آهي."
"ها، مٽن جي ڏڳهري لهي ويئي آهي."
"مائٽ ڪي اَپياڳت ٿوريئي آهي، ڪٽي ڏيئس. ويچاري نياڻي وڃي شينهن ڪلهي چڙهندي."
"مائٽ جي اپياڳت ڪونهن ٿ شاهوڪار ٿ ڪونهن. ڪٽي ڏيئس ٿ ڪٽي، پر چوڪري جا ننڍ اڪ واري ويئي آهي."
"ها، چويئي شادي ڪا واپار آهي چا؟"
"مائي، چوڪري ٿ ڪا ڏات آهي. اهڙيءَ سان پلا ٻيو ڪير پلڻ اَڻڪاڻيندو."
"ڏڌهن هاڻي پلا چا ڪندا؟"
"اَهڙن گهرڻن کي ٿ گهر واپس اماڻجي."
"ستنام سري واهگرو، مائي ڪاڃڳ آهي ڪاڃڳ!"
"ٿ رهڻ گهر واپس اماڻجين، پر اَصل ڪنوارو ڳٽر ڪري وهارجين!"
"ستنام، نيل ڏو ٻري، ٻاڻي ڏو ٻري پاڻي."
ماڻهو پنهنجي من مانيِ ٽيڪاڻپي ڪري رهيا هئا. ڪين وقت ڪاڻ لاءِ جڻ قوت ملي ويو هو. ومل ٽي

چا وهي گذري هئي، تنهنجي خير کنهنکي چنتا هئي. چا اڄ ومل جي شادي نہ ٿيندي؟ هنجو کهڙو حال هوندو؟ چا سڀ پڇ هن شاديءَ کان انکار ڪيو آهي. هن ائين ڪندي ڪيڏي نہ پيڙا سٽي هوندي. مٽن ماٽن ساهيڙين سڌين جا چا نہ مهڻا سنا هوندا. اُنهنجو تصور ڪندي ئي منهنجو من منجهڻ لڳو. هيلتائين رڳو فلمن ۾ اهڙو چتر ڏٺو هوم، پر اڄ اهو پنهنجين اکين سامهون بمبئي شهر ۾ ڏسي رهيو هوس.

منهنجي سامهون ٽي چار ڏينهن اڳ جو آفيسن جو نظارو ٽرڻ لڳو ..... ومل آفيس جي هڪ هڪ ساٿيءَ کي پنهنجي شاديءَ جو نيٺ پتر ڏيندي ٽرندي ٽي هلي، اُپار آنند جي ساگر ۾ ترڳندي ٽي ويئي.

ڪنهن ساهيڙيءَ مسخريءَ ۾ چيس، "سو نيٺ تنهنجو موڪيه ٿيو؟"

بي ڏڙڪ جواب ڏنائينس، "مان نہ اڳيئر ڪنهنجي غلام هئس ۽ نہ وري هينئر ٽي ڪنهن جي غلام ٿيندیس."

ساهيڙيءَ چيس، "ائين رڳو چٽبو آهي..."

مون هنکي وچڑي ڪٽي چيو هو، "هنجي نہ پيار جي شادي آهي نہ؟"

اِن تي ومل چيو هو، اها پيار جي شادي نہ ناهي، اُلبت پسنديءَ جي شادي چئي سگهجي ٿو، پوءِ

آڇو ن؟"

مون چيو، "ضرور ضرور، اُن خوشنصيب انسان جو درشن ڪرڻ نه آڇو ٽيو؟ سوڪڙي به ته ڏيڻي آهي."

هن پڇيو، "ڪهڙي سوڪڙي تو ڏين؟"

"مڪسر گوركي جو ناول 'اَمڙ'."

"واهه، مون پاڻ اهو ناول پڙهڻ چاهيو ٿي."

۽ هينئر "اَمڙ" ناول منهنجن هٿن ۾ پيو هو. مان سوچڻ لڳس - ڇا هي ناول مونکي واپس ڪڻي وڃڻو پوندو؟ ڇا هي سڀ ماڻهو هليا ويندا؟ ومل ..... هوءَ به اڪيلي اڪيلي واپس هلي ويندي. منهنجي دل چيڀاٽ لڳي هي ڪهڙو "شائلاڪ" آهي، جيڪو الاسائي ماس طلبي رهيو آهي؟...هي ڪهڙو منحوس مرد آهي جيڪو عورت ذات جو اُپمان ڪري رهيو آهي - عورت جيڪا هنجي جيجل آهي، پيڙ آهي؟ آهي جيون سائڪ! مونکي پنهنجي مرد هٿ تي شرم اچڻ لڳو.....

آهه... هوءَ اڇي رهي هئي. سندس پرسان ڪيس ڪير روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو. پر هوءَ هلندي آئي، آهستي آهستي، سانت - ساگر جي لهرن وانگر. هوءَ ويڙهيءَ وار وڃن ۾ اڇي منڊپ ۾ ويٺي. سندس شڪل پروٽيل هئي؟ اکيون آب اوڻڻ لاءِ آليون هيون.

سيني جون اکيون وڃي هن ۾ ڪٽيون. دل ڏڪ ڏڪ ڪرڻ لڳي ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ هوءَ ڇا ڪندي؟ ڇا گھوٽ کي ريڊيو گرام مليو آهي؟

هوءَ اڃي مٽڪرافون اڳيان آئي. ڪن خاموش رهي. ٻجليءَ جي روشنيءَ ۾ سُندس موچاري مهانڊي مان نوراني مٽيا پئي ٻکي. سندس اکين مان ڪنهن اڻل ارادي جي جھلڪ صاف پئي اُٿي ڪي - ارادو جيڪو ڪافي پوڻا پوڻ بعد کيل ٿي ڏنو.

هري هري هنجا چپ چريا. سندس لفظن ۾ لرزش هئي ۽ آواز ۾ الاهه ويدنا. چيائين، "مونکي دکي آهي جو ٽوهان کي انتظار ڪيڏو ٻيو آهي. مون ان شخص سان شاديءَ ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، جنهن کي پتنيءَ کان وڌيڪ ريڊيو گرام پيارو آهي. اسانجي ٻاڻ ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ڪا بول نه ٿيل هئي، ليکن هن اسانجي مجبوريءَ جو فائدو ونڻ لي چاهيو، جيڪو ڪو به غيرتمند شخص برداشت ڪري نه سگھندو. مان هت پنگٽ ۾ وينل ڪنهن بـ ٻاڻ جيڏي سان هينئر شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، بشرطيڪ هو ڏيتي ليتيءَ جو ڪو به شرط نه وجھندو. جيڪڏهن هن پريءَ سيا ۾ ڪو به اھڙو ويڙهه نه هوندو تـ مان سدائين لاءِ ڪنواري رهنديس."

مون اڃين محسوس ڪيو گويا گورکي جي ناول جي

نائکا "اَمڑ" ساکیاڻ اڇي ٻيني آهي، جيکا انسانيت کي للکاري رهي آهي.

سڀ دنگ رهجي وياَ. هر کو هڪڙي جو ٻوٽ ٽکڙ لڳو. کن خاموشيءَ بعد ٻڙ ٻڙ شروع ٿي ويئي.

"ڏاڍي غجب (غضب) ٿي ويو!"

"نہ شرم نہ حياءَ..."

"چورن کي نہ شرم حياءَ ٿي ڪوٺهي."

"هيڏي ٻہ کا شادي ٿيندي آهي؟"

"ڪير ٻہ هاڻي شادي ڪين ڪندس..."

"آفرين اٿس..."

"چوري کي چگي نوڪر هيائين."

"هاڻي شل کو ٻيو شاديءَ لاءَ تيار ٿيس."

ڪجهہ وقت لاءَ موت جهڙو سناٽو ڇانڀجي ويو. سڀ انتظار وچان بت بڻجي وينا. رڳو وقت ٿي هو جو دستور موجب هلي رهيو هو... ٻاهرين طرح ٽہ سالمت هئي، پر اندروٽي طرح نہ ٻن شڪتين - انسانيت شيطانيت جي وچ ۾ ڪشمڪش هلي وهي هئي. ڪنهنجي جيت ٿيندي، ڪير ڇڏي نٿي سگهيو.

پنج منٽ گذريا...ڏهہ منٽ گذريا...پندرهن منٽ گذريا...هي ڇا ڪير نٿو اڳتي وڌي...ڇا اڄين شيطانيت انسانيت کي شڪ ڏيئي ويندي ؟ قصو اڄين ختم ٿي ويندو! ساري مرد ذات ڇا هڪ عورت جي للکار کي چپ چاپ ٻڌي وٺندي! ؟ هوڏانهن بتين جي

جھرمر هيڻان زندگيءَ جي ناٽڪا لوساڻجي ٽي ويئي. هنجو چهرو پيلو ٽيندو ٽي ويو. کڻڻ جي بيءَ کان ڀر هوءَ ٽٽي پوي، ڪري پوي، اَڻ ٽريل ڪليءَ جيان. ۽ مان هٽ وارو ناول "امڙ" شايد گهر واپس کڻي وڃان. پر گورکيءَ جي ناٽڪا "امڙ" منهنجو پيڇو ڇڏيندي؟ مونکان اهو سوال ڪين پڇندي رهندي. "ڇا ٽون ٻه ريڻن جي ڏڻ جي هڪ ريڙ آهين؟"

"نه...نه مان ريڙ ناهيان...انسان آهيان، 'امڙ!'"

منهنجي اندر ۾ آندي متل هئي. هڪ هڪ ڪن پل جڻ زلزلي جو احساس ٽي ڪرايو. مون اڳتي قدم وڌائڻ جو فيصلو ڪيو. ليڪن هي ڇا؟ هي پيرن ۾ زنجير ڪنهن وڌا؟ هي اندر کڻڻ شيطان پيو بولي. "ڇا ٽنهنجا مائٽ هيءَ شادي قبوليندا؟" "چو نه قبوليندا؟ هو 'ريڊيو گرام گهوٽ' جي مائٽن وانگر نه آهن." شيطان ڦڪو ڀيڻو ٽي ويو ۽ انسان اڳتي نڪري ويو. مان ڪدم منڊپ ڏانهن وڌيس. چوڌاري اهڙي مات ڇانٽجي ويئي، جو سڀي ڪري نه ٻه ڪڙ ڪو ٽٽي. مان ومل جي اڳيان وڃي بينس سندس مک ٽي مرڪ لمودار ٽي، اٽين جڻ گهنگهور گهٽائن مان چند چمڪندو آهي. هن مونکي گلي ۾ گلن جي مالها وڌي ۽ مون کيس ڏني سوغات-گورکي جو ناول "اَمڙ."...

گيت گونجي اٽيا، ٻڌڻ نڇي اٽي، گويا ٻهار مرڪي اٽي. زندگي، وقت سان گڏ قدم قدم ۾ ملائي هلڻ لڳي انساني قافلو وڌندو رهيو .....

# واڪ آئوٽ

شري ڪيسواڻيءَ جڏهن هاڪ ماري هيڪ ڏني، تڏهن ته آفيس ۾ ڦهڪ مهل سايا ڏهه لڳي پنج منٽ ٿي وئا هئا. چرچگيٽ ڪان سيڪريٽريٽ تائين آيساهي پنڌ ڪيو هئائين تہ نہ هونءَ کان ڏهه ٻارهن منٽ دير ٿي ويس. لفٽ لاءِ ترسڻ کان سواءِ ڏاڪڻ تان هرانگهون پريندو وڃي، پنهنجي روم وٽ پهتو. ۽ سندس انن سائين جي لهار ٻٽ بڻائي ڇڏيس.

هڪڙي سندي سائيءَ سائٽ کي ٽوڙيندي/انگريزيءَ ۾ چيس، "مسٽر هيترا ڏينهن موڪل ڪائي آيو آهين تہ نہ دير سان... هاڻي تہ وچ سڌو اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ وٽ وارننگ وٺي اچ."

اس سيني جا مڪ اچي ڪليا.

گجراتيءَ چيو، "آ ڇوارا ني نوا قاعدا ٿيا ڪيا ٿي خبر هوي؟"

مرهٽيءَ چيو، "ڪيسواني، ڪڏهي آشيرا ٻيٽ ناهي."

ڪيسواڻي وچارو منجهي پيو. سمجهي نہ سگهيو تہ آخر ڪهڙي ماجرا آهي. مالڪ جي هڙڻي نہ خانگي ۽ وڪيائين ۾ ڪنن ۾ اهوٽي آواز وڃي رهيو هوس، "وچ

اَسسٹنٹ سيڪريٽريءَ وٽ." ليٽ ڪنهن وڃي دماغ
ٻ ڳالهه وهاريس ته ڪالهه ڏون فرمان نڪتو آهي ته
"جيڪو پهريون دفعو ٣٥-١٠ ڪان دير سان ايندو الڪي
وارننگ ملندو. ٻيو دفعو دير سان اچي ته هڪ ڏينهن
موڪل ڪٽ، ٽئين دفعي هن خلاف انتظامي قدم کنيو
ويندو." ڪيسواڻي هڪ هڪ ڳالهه ٻي جنسي ٽپ ٽي
ڏنوءِ وات مان نڪري ويس، "چوٿين دفعي سان؟"
"چوٿين دفعي سان گهر جي ٽڪيٽ، ٻيو وري ڇا!"
سندي ڪلارڪ شرارتي نوع ٻ وراڻيس.

پنڪي جي هينان ٻيٽي ٻ ويچاري ڪيسواڻي جي نوڙ
تان پگهر وهي رهيو هو. پراڻن ڪپڙن مان ٿهيل رومال
ڪڍي پگهر اُگهٽ لڳو. سندس اڳيان لنڊڙي ميدوءِ
جي شڪل قرط لڳي- "چوري آڳر ڪان ڇهلي ٻيٽي ٻ
نه ته ٻه منٽ دير نه ٿئي ها ته وزار ڪان فاسٽ گاڏي
ملي وڃي ها ؛ ايندي شرط منحوس آفيسر جي شڪل
ڏسڻي نه پوي ها." ويچاري ٻالڪي موڪلن ٻ ٻاءِ
سان گهٽو هري ويئي هئي. موڪلن ڪان اڳي هونءِ ته
ڪيسواڻي صبح جو سويل گهران نڪرندو هو ته ميدوُ لنڊ
ٻ ٽي هوندي هئي ؛ رات جو ٩ ٻجي آفيس مان گهر
پهچندو هو ته سڀ بسار نند ٻ هوندا هئا. ڪيسواڻي
وري پاڻڪي ٽي ٻٽ ٻڌ ڪندي، "هي اَجگر جيڏيون
ٽرينون ڪٽي وقت سر پهچن ها ته 'مسٽر' (حاضريءَ جو

رجسٽر) ملي وڃي ها."

ڪيسواڻي آفيسر جي روم وٽ وڃي ڊر جي سوراخ مان ليٽر پاڻي ڏنو ته ٻيو ڪير ڏ نه وينو آهي. الدر گهڙيو. همت ڪري عرض ڪيائين، "سائين مان ته موڪل تي هوس. مولڪي نئين فرمان جي ڪهڙي خبر. اڳئين فرمان مطابق ته پوري وقت ۴۰-۱۰ تي آيو آهيان."

"توکي نئين فرمان جي خبر هڻڻ ڪهندي هئي. فرمان، فرمان آهي. هان هي وٺ وارننگ" آفيسر رعبدار آواز ۾ چيو ۽ ڏانهنس ڪاغذ اڇليو.

ڪيسواڻي هٿ وڌائي مان ميٽ ۾ وارننگ جو ڪاغذ جهٽي ورتو. ويچارو اڃسنا ۾ گهٽا ڪري ويو هو ته، انصاف جي تقاضا ڪندس ۾ آفيسري رعب اڳيان ڏهلجي ويو. دل ۾ آيس ته جيڪر چٽي ڏيئس ته، "اسانکي آفيس اڳيان ڪوارٽر ڏهرائي ڏيو ته زال ٻارن سميت ۲۴ ڪلاڪ ئي سرڪار جي خدمت ڪندا رهون." پر سوڙ ٻي موڙي آيو.

هو ڪرسيءَ تي وينو ته سهين، پر دل دماغ ۾ آرام نه هئس. اڄا اڪل پنجن سالن بعد تاڙو پروموشن ملیو هوس. ڪلارڪ مان اسسٽنٽ ٿيو هو- ۱۷۰ رپيا پگهار. مس مس ڪري وڃي پئسي جي تنگيءَ کي منهن ڏنو هٿائين ته وري وارننگ جي شامت آئي هئس،

سوچـــڻ لڳو، "اسين هڪ هٽ ۾ فائيل ٻڌي هٽ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سڄو بار جهلي ٽرين ۾ لٽڪندا ميلن جي مسافري طئ ڪري آفيس ۾ اچون ٿا. پوءِ جيڪڏهن سانگي سان کي منٽ دير ٿي ويئي ته چا ٿيو؟ پلا دير سان اچڻ ڪري جي سزا ڏني وڃي ٿي ته مون جهڙن هزارن کي روز شام جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻه ڪلاڪ وڌيڪ وقت وهڻ ٿا. موڪلن ۾ آفيس ۾ اچڻ جو اُجورو به ته ملڻ کپي. ڪڏهن سرڪار ان اُجوري جو به خيال ڪيو آهي؟ اسين گهر جي پوري پرگهور نه لهون ته به ڏکندا سهڪندا آفيس ۾ اچون. گهر ديرسان وڃون ته به فائيلن جو بندل کڻي وڃون. صحت ۽ آرام گنوائي به وهندا وهون ته به پورو عيوضو نه ملي. هيءَ کهڙي حياتي آهي؟ هر وقت جنسي واڪهوءَ جي واٽ ۾ آهيون."

هنکي ياد آيو ته پويان ساڻيا اڪر ڪجهه وقت اڳ آفيسر، مان موڻڻ وقت سندس پٽنيءَ چيا هئس- "سڄو ڏينهن جڻ واڪهوءَ جي واٽ ۾ آهيان. مٿو ڪو هڪڙو هجي، جنهن کي سنياليان. گوپ ٻاڻ جڻن وڏو ٽڻن جڏو. پڙهڻ ۽ گهر جي ڪر کي آهي جواب، رڳو اٽس لٿڙ ۽ ديرل اڻي ۽ ڏکر. هاڻ ته جوڙتا به شروع ڪئي اٽس. ڪڏهن ڪلندو اچـــي ته ڪڏهن روئندو. ڪڏهن ڏک هٽي اچي ته ڪڏهن ڏک ڪائي اچي. هوءَ چوري پاروُ

وري کھڙي ٿي آهي ، تو بهر منهنجا پڳوان! اسکول هر کانءِ ٿي وڃي ٻر جهان کٽي ٿي ليٽائي. اڄ ڪتاب کپي، اڄ ڪاپي کپي، اڄ رٻين کپي، اڄ ٽئون گهاگهرو کپي، بس رڳي آهي کپي ۽ کپي.

"باقي مينءَ جي دالهن کان ڏنڻ" ڪيسواٽيءَ دل ٿي دل هر شڪايتن جي ياداشت ٺاهيندي چيو هوس.

"دانهن وڃي ڪنهن کي ڏيان؟ ٽوهان کي ٿ جڳ گهر ٻار جو الکوٽي ناهي. گهر گهوڙن کي، ٻار چورن کي. ڪنهن کي ڪن مهت ڪريو ٿ چوان. سيني کي اٿم يڪي سر منهن ڏيڻو؟ صبح جو پنجين ڀڄي ٽي اٽان ۽ جنسي مشين وانگر ٿي هلان. ٻارن جي ليرن ناهيان، اسکول لاءِ سنيرايان، توهانجي روڙي ناهيان. وري توهانجي لاڏلي ڏيءَ جو پٽ ناهيان. توهان ڏيو پٽ ٿ هوءِ پري منڊ، لنڊ مان اڻندي ۽ کاڏي لاءِ رڙو رڙ شروع ڪندي. تانڪ (چانهه) ڏي... ڪچي (ڪچڻي) ڏي ٽيتا پل (سيتا ڦل) ڪپي... شيءِ نه ملي ٿ پوءِ 'دادا دادا' جون ڪيڪون شروع ڪندي ، ۽ توهين ٿ سڄو ڏينهن وهو آفيس هر. گهر اچو ٿ هٽ هر فائيل جو جو ٿهو ڪٽندا اچو. رات جو ١١ ڀڄي تائين ٿ پيا لکپڙه ڪندا. نه ڀالهاٽ ٻڌلهاٽ، نه ڪل چرچو. موڪلن هر بس آفيس هر ڪم ڪريو. الاجي مڻ کي ڪيڻن ڏل هر ڏيا آٿي. جو اڳين پند رهين آگسٽ ٿي آفيس هر ڪم ڪرڻ

کو نہ ڏنائون ۽ اُهوئي نہ لدورو ڏينهن آهي جڏهن ملک مٿايوسين. سنڌ ۾ نہ چار سال نوڪري ڪيو پر ڪڏهن ب کو نہ ايترو سوئل ويندا هٿا ۽ نڪو وري هيترو دير سان ويندا هٿا. گڏ گهمبو قربو هو. مٽن مائٽن ۽ ساهيڙين سهيلين سان رلبو ملبو هو. مگر هتي نہ مهنا ٿيا آهن، جو بمبئي شهر جي شڪل نہ ڏني اٿم. پگهار وڌيو نہ ب مائٽن جا ٽنگ ٻريو. منهنجي لاءِ تہ اُهائي سچ ۽ پينگ آهي. ٻين جا مڙس آفيسرن کي بنائي، آفيس ۾ پورا پوَن نہ گهر ۾ ب پورا پوَن."

ان وقت ڪيسواڻي پنهنجي ڏرمپتني کي خوش ڪرڻ لاءِ سمهيل گوپ کي ڪن ڪان مروڙيندي چيو هو، "اَڙي بدبن ٿو، هن ڪانپوءِ جي بڊو اٿم لغڙ اُڏايا اٿيئي يا جـوُتا ڪئي اٿيئي تہ ٽنگون ٽڪر ڪري چڏيندو سانءِ." ۽ پوءِ ڪجهہ فائيل ٻري ڪري هنجي دل وندراڻي هٿائين.....

جي ٻر وارو مرهٽو اسسٽنٽ سنڌس ڏيان نہ ڇڪائي نہ ڪيسواڻي الاجي ڪيترو وقت اڇـا ب ويچارن ۾ غلطان رهي ها.

"ڪهڙن خيالن ۾ آهين دوست؟"

"هيءُ تہ لسوڙو ناحق جو وارنگ آهي. وڏ-ڙن وانگر موڙون نہ ٿاهن،" ڪيسواڻي اُٿر ڏنو.

"لوڪي خبر آهي تہ ٽرين جي دير ڪري اڄ مان

ان منحوس وارنگ کان بچڻ کان، روڻيءَ لاءِ کاڻي آيل پئسا ڏيڻي ٺڪسيءَ ۾ چڙهي پوري وقت تي پهتس."

"پلا اهو ٻه کو فرمان ڪيو اٿن ته شام جو سايڊي ۵ ٻجي ڪانپوءِ ڪير ٻه آفيس ۾ نه وهي؟"

"دوست، خبر نه آهيٽي نه جيڪو سايڊي ۵ ڪانپوءِ نه وهندو آهي، تنهن کي ڪٿن نه آفيسر وهڻ لاءِ سڏي يا اٽسڏيءَ طرح مجبور ڪندو آهي. وري چون ٿا نه فرمان لڪنا آهن نه وسيس ۾ باهر وڃڻ ۽ اچڻ لاءِ مسٽر لي صحي ڪرڻي آهي."

"هيءَ چڱي حڪمشاهي آهي. چونه ٽسا پيشاب ڪرڻ لاءِ ٻه موڪل جو مسٽر رکن؟" ڪيسواڻي جي هن گفتي سيني ۾ ٺهڪڙو مچائي ڇڏيو.

"اڙي بابا،" مرهٽي اسسٽنٽ چيو، "هي سڀ Rationalization جون رٽون آهن. ٽورن ماڻهن کي پيڙي گهٽي ۾ گهٽو ڪم ونڻو اٿن. بڊو ڪونه اٿو ٽي ڪٿن نه ڪارخانن ۾ مزورن جي چانٽي ڪري، گهٽن مزورن جو ڪم ٽورن کان ورتو ويندو آهي. تفاوت صرف اهو آهي جو اسين وچولي طبقي وارا گولڳين گاين وانگر سرڪاري دباءُ سهون ٿا، ۽ مزور ظلم جو مڪمتا سان مقابلو ڪن ٿا."

"ڳالهه سچي ڪئي اٽيٽي. جيترو وڌيڪ ايمانداريءَ سان ڏهون ٿا اوترو وڌيڪ پيڙجون ٿا. اسان کي ٻه

هاڻ ته رڳو موڪلن ۾ ته اڇڻ ڪپي، پر سائي ۵ ٻجي کان پوءِ هڪ منٽ به نه ترسڻ ڪپي،" ڪيسواڻيءَ صلاح ڏني.

"ضرور ضرور، ڪلهه به هٿي سڄي ڪاٽي ۾ ان ڳالهه تي وڏو چوٻولو متو هو؛ اڄ تنهنجي مثال ته اسانجون اکيون پٽيون آهن. اڄ هن روم ۾ سائي ۵ ٻجي کان پوءِ هڪ به نه وهندو،" گجرالي سپرنٽينڈنٽ فيصلو ڪندي چيو.

باقي وقت ڪيسواڻيءَ جون اکيون گهڙيال ۾ ڪٽل رهيون.

سائيا ۵ لڳا ته سڄي روم خالي ٿي ويئي. ڪيسواڻي باهر ڏنو ته بين رومن مان به اڳي کان وڌيڪ چٽا ٽڪري رهيا هئا. هن محسوس ڪيو گويا هن کي وارنگ جو عيوضو ملي چڪو. اڄ هنجا هٿ هلڪا هئا، دل ۽ دماغ هلڪو هو؛ چهري ٿي خوشيءَ جي جهلڪ نمودار هئي.

۽ پنهنجي روزاني عادت الوسار ڄڻ ٿي آفيسر سائي ۵ ٻجي ڪانپوءِ ڪم جي مڪر سان ڪلارڪن جي روم ۾ گهڙيو، ڪٿن اٽي ڪير به نه ڏسي، محسوس ڪيائين، گويا اسپيڪر جي گهرندي، اسيمبليءَ جا ميمبر "واڪ آئوٽ" ڪري ويا هجن!

# قتل ڪاري

ڪنهن ڏينهن شام جو آفيس مان ٽي مونيس. آڳا "۱۲۳" بس ۾ اندر گهڙيس مس تہ هن پاڻ سان گڏ وهڻ جو اشارو ڪيو. پر مون اهڙي ڏيکاري ڏني، جو ڪيس ڏئم ٽي ڪونہ. جڏهن پنهنجي جڳهہ تي ٿهي ٽڪي وينس، تڏهن هن وري آڇ لاء اشارو ڪيو. هاڻي تہ نٽائڻ مشڪل هو، آڻي وڃي ساڻس گڏ وينس.

هن چيو، "توکي مونسان گڏ وهڻ ۾ شرم ٿي آيو... مون سمجهيو هو تہ تون بين جهڙو نہ هوندين."

مون جڻ ڪن ڪري چيو، "نہ...نہ، ائين نہ ڪوليءِ" ۽ ٽيڪ ٽيڪ جواب لاء اڳا سوچي ٿي رهيو هوس، جو چيائين، "توکي اهو ستو ڏو لڳي تہ ٻيو ڪو ڪاربو شخص اڇي مونسان وهي؟"

هنجي ان گفتي ۾ جا پنهنجائي پريل هٿي، ڪنهن سچ پچ مونکي لڇائي ڇڏيو. اڳا ۽ شايد ان ڳالهہ ٿي سوال جواب هلي ها، ۾ ڪنڊڪٽر اچي ٻڌائي ورتو. هن يڪدم رپيو ڪيي ڪنڊڪٽر کي ڏنو ۽ مونکان پڇيائين، "ڪٿي لهندا؟"

"چوپاڻي!" مون پٺهڻجي کيسي مان رپيو ڪڍيو ؛ ڪنڊڪٽر کي، هنجو رپيو واپس ڪرڻ لاءِ چيم. هوءَ سوال پري نظر سان مونڊاڻهن ڏاڙهڻ لڳي. مون چيو، "اڄين ڪيڏن ٿيندو؟ مان ٿو ڀاڙو ڏيانس."

"ساڳي ڳالهه ته آهي،" هن هي لفظ ايڏيءَ نه حجت سان چيا، جو مونکي آڻ ميڙي ٻيڻي. هي چوپاڻيءَ جون به ٽڪيٽون ورتيون. مونکي سڌ هئي ته هوءَ تاردیو تي رهندي آهي. اڪري سندس چوپاڻي تي لهڻ ڏرا مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو.

ايتري ۾ چوپاڻي به اچي ويئي. اسين ٻئي بس مان لٿاسين. مون چيو، "چڱو، مان هلان ٿو."

"ڪيڏانهن؟" هن پڇيو.

"گهر،" مون چيو.

"اڄ ته ڏهه پندرهن منٽ هتي وهون. ڪهڙو نه دلڪش نظارو آهي. توکي هي نظارو ڇڏي گهر وڃڻ تي دل ٿئي ٿي؟"

منهنجي وات ۾ جڻ مڳ پيا هئا. ڪن لاءِ گهر وسري ويو. اسين هڪ بينچ تي اچي ويناسين. ۽ وري گهر جي ياد هلي آئي. چيم، "مسز ديشپانڊي، معاف ڪجو. مان وڃانٿو."

"پلا ٽڪو ماندو گهر وڃي ڇا ڪندين؟ ڪهڙي ٻائي ٻڌي ويٺي اٿيٽي جا تنهنجو انتظار ڪندي هوندي."

هن مشڪي ڏنو.

"اڙي ... چو؟ منهنجي پٽني ... منهنجو پٽ ..."

"ها..." لتا ٿي ڇڙ ٻر ڪريو. هڪ ڪن ۾ حيرت ۽ ويني رهي. ٻوءِ ڇيائين مس گدواڻيءَ ۾ ڇو هوت. تون بڇيلو (ڪنوارو) آهين!"

مان، لتا ۽ مس گدواڻي هڪ ئي سرڪاري ڪالي ۾ ڪم ڪندا آهيون. مونکي ياد آيو ته ڪلهه جڏهن گدواڻيءَ سان لتا جي ساراهه ڪئي هئم، تڏهن هن مسخريءَ ۾ چيو هو، "ٻوءِ تون ئي شادي ڪريس نه." هاڻي سمجهه ۾ آيم ته هن ڪيڪليءَ لتا سان ۽ مسخري ڪئي هئي. ڇو ته ڪيس خبر هئي ته مان شادي ڪيل آهيان ۽ هيءَ اَڻ ڄاڻ گدواڻيءَ ڏي وشواس ڪري ويٺي هئي. لتا ڪي چيم، "پائي زال ۽ اڙي جهڙي ڪاڻ اٿم. آفيس مان ٿورائي دير سان موٽان ته ڏمال ڪيندي آهي. اڙو ڪهڙو آفيسر لٽو آهين جو دير سان ٿو گهر موٽين." ائين چئي مان اَڻ ڄاڻ ڪوشش ڪرڻ لڳس. ليڪن لتا جو جواب ٻڌي اڀيٽي ٿر ئي وئس.

"آلا، اسين سڀ زالون اڙيون ئي آهيون؟ مان ٻه ٽهڪي ائين ئي چوندي هئس." لتا سرد آهه ڀري ۽ ڏکاري آواز ۾ چيو، "تون پلي وچ ..."

مون چيو، "هاڻي ته نه ويندس."

هن ساڳئي ٿي اُداس لهجي ۾ چيو، "مسٽر ڪيماٽي، اڄ گهٽي وقت ڪالهوءَ هڪ پتي ورت پوش گڏيو الم. الڪي ڪيئن پهنجي پتنيءَ کان ٻي مڪ ڪريان."

سندس انهن لفظن تي منهنجا پير ٻڌي ڇڏيا. منهنجي هن ۾ اهڙي دلچسپي پيدا ٿي ويئي، جهڙي رستي تي ان لگهندي ڪنهن راهه وڃايل انسان لاءِ ٿيندي آهي.

"ڇا سڀ استريون ائين ڪندڙون آهن؟" هن لهاريو مون ڏانهن ٿي ۾ سوال ڇڻ پاڻ کان ٿي ڪيائين ۽ پوءِ پاڻيهي جواب ڏيئي ڇڏيائين. "ها، مون ۾ تي پتيءَ سان ائين ٿي ڪيو هو. اُنکان ۾ وڌيڪ. هڪ ڏينهن ڪيس چيم: تون آفيس ۾ دير دير تائين انڪري ٿو وهين، جو آفيس جي ڇوڪرين سان رومانس ڪندو آهين. ۽ هن اهو ٻڌندي غصي مان چمات وهائي ڪڍي هڻي. ۽ پوءِ هن اکين مان آنسو اُڪهندي چيو هو، 'لتا تو اڄ مون تي بيوفائيءَ جو ايڏو ۾ شاهي الزام لڳايو آهي، جيڏو آئيلو ۾ ڊيسڊيمونا تي ۾ لڳايو هو.....؟'

مون عجب ۾ وڃي ڪجهه چوڻ لاءِ وات کوليو مس ۾ چيائين، "مسٽر ڪيماٽي ڇاڻتي، تون چا ٿو چوڻ چاهين." ۽ پوءِ ٿوڙو ڪلي چيائين، "تون پڇندو هوندين ۾ مان ڪيئن ٿي آفيس جي مردن سان گهمان قران ۽ ٻڪ شڪ ڪريان؟ ائين نه؟ ليڪن تن ڏينهين مان نوڪري ڪٽي ڪندي هئس، جو خبر پويم ۾ آفيس جي اندر استرين ۽ پرشن جي مترڻا جا ناڻا مٽي ماڻتيءَ جا ناڻا ٻڌي پيا آهن." هوءَ ٽڏو ساهه ڪڍي چپ ٿي ويئي.

مون پڇيو، "مسز ديشپانڊي، توهانجي شادي ۾ پيار ۾ شادي هئي نه؟"

"شادي ۾ برابر پيار جي هئي. پر پيار ڪري نه
ڄاڻو سين." هوءَ ٿوري ويلينڊڻ ٻارن ڏانهن ڏسندي
چوندي هلي، "مونکي هڪ سهڻو گهر ڪپندو هو. اهو،
جنهن ۾ هنکان ۽ مونکان سواءِ سواءِ ٻيو ڪير به نه هجي.
هڪ ٻئي جي پريت جي ڏوريءَ ۾ اهڙو جڪڙيل
هجون جو دنيا جي جڳ سمڪ ٿي نه رهي. پر اهڙو گهر،
هنکي فقط پاسڙ لڳو. هنکي اهڙو گهر پسند هو، جنهن
۾ هنجا سنگتي ساهيڙيون اچن. دنيا جي ڳالهين تي
بحث مباحثو ڪن. سماج ۾ اٿندڙ هلچلن ۾ پاڻ ونڊ لاءِ
پروگرام رٿين. ها، هن مونکي پيار ڪيو ۽ انهن ڳالهين
۾ گهيڙڻ چاهيو، پر مونکي انهن ۾ دلچسپي ٿي ڪانه
هئي. ڪوري هنجا خيال ٿي ٿي پسند آيو. پسند ۽
ڪيئن ايندا؟ جڏهن منهنجون ساهيڙيون ڪن پرينديون
رهنديون هيون ته چري مڙسن کي ٿو ائين پنهنجي وَهه
وڃڻ ڏجي. اسين ته ٿو جيترو پڙهيل ڪونه اهيون ته
به مجال اهي جو گهوٽ اسانجي ڳالهه نه مڃين. ۽ ائين،
اسان پٽي پٽي جي وچ ۾ ديوار کڙي ٿي ويئي. ۽ نيٺ
پنهنجو محل ٻاهي ڇڏيوسين، ائين جئن هي سامهون
ويٺل بار، پنهنجا واريءَ جا محل ٺاهين ۽ ٻاهين پيا."

مون ڏٺو لتا جي اکين ۾ جيڪي وڏا وڏا ٻه ٽڪ
هٿا سي هاٽي چڪي سندس ڳلن ٽي رستو ٺاهي لهي
ٻيا. ليڪن هن مان نه ڪڍي. ظاهري ته سندس نظر
اڃان بارن ڏانهن هئي، پر الدرين اکين ڪنهن دور
ماضيءَ ۾ ڪتل هئس.

"شاديءَ کي سڄ پڄ ڪيل سمجهيوسين. بس هن

چمات هئي ۽ مان گهر ڇڏي آيس ۽ دنيا جي نظر ۾ گنهگار ٿجي پيس. پنهنجي جيجل ۽ تيسين جي ۽ ۾ جاءِ نه پيئي ڏٺيم، جيسين نوڪري ڪري ڪيس ڪمائي نه ڏنم. آفيس ۾ ته سڏ اليئي، ڪيئن نه، هرڪنهن شخص جي اشاري بازيءَ جو شڪار ٿي آهيان. هو مونسان ڪلندا ڳالهائيندا آهن ته به اڳين لڳندو اٿم ته هنڪي مون لاءِ نفرت آهي. اڳين ڇو آهي؟ مون آخر ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

لتا جي آواز ۾ هينئر جوش ۽ لرزش هئي- "ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان، هي ڪهڙو سرشتو آهي؟ ڪنهن استريءَ جا خيال پنهنجي پتيءَ سان لتا نهڪن ته هوءَ ٻيو جيون ساٿي نه پائي نٿي سگهي. ٻه سال ٿي ويا اٿم، اها تمنا پوري نه ٿي آهي. جنهنکي جيون ساٿي ٻڌائڻ چاهيان سو ماضيءَ جي زندگيءَ ڏانهن اشارو ڪريم. ٽوهين مرد ڪهڙا نه عجيب آهيو..."

ڪن رکي رومال سان اکيون اڳهي چيائين، "هاڻي ٽون گهر وڃ. نچاڻان هيتري وقت ۾ تنهنجي دل گهٽا پيرا گهر جي چوڏاري چڪر هڻي آئي هوندي..."

مان اڻي ڪڙو ٿيس. چيومانس، "ٽون نه گهر ويندين نه؟"

"ها گهر ته ويندس ٿي، پر اڃي ڪير آهي جو تنهنجي ڏال واٽگر انتظار ڪندو هجي." اڳين چئي لتا سرير کي ينچ ٿي اڳين ليٽائي ڇڏيو جڳ ٽٽل ٽاري هئي. مان اڃي وڌيڪ وقت ترسي نه سگهيس.

ٻئي ڏينهن بڏم ته لتا استعفا آهي.

# قيد

اڄ ڪيترن ڏينهن کانپوءِ مس مس آفيس ۾ سوال پهتو هوس. سمجهيم، منهنجو نديءُ باس اڄ مونکي سويل آيل ڏسي، ضرور خوش ٿيندو. پر منهنجي عجب جي حد ئي نه رهي، جڏهن ڏٺم، نديءُ باس جي ڪرسي اڄا خالي پيئي هئي. هوءَ نه هو سڏائين سويل ايندو آهي ۽ دير سان ويندو آهي. دل ۾ چوندو آهيان، هو مونکان ڪيترو نه خوش نصيب آهي! گهر مان نڪري ۽ مونکان دير سان ۽ پهچي ۽ مونکان اڳ. ڏاڍو ويجهو اٽس هنجو گهر! پر منهنجو گهر آهي، ڪوه پري، ڪلياڻ ڪئمپ ۾. سو ۽ پيءُ ماءُ جو گهر آهي، پائرن جو گهر آهي، پينرن جو گهر آهي. مون لاءِ نه رڳو راڻ سمهڻ جي مهمان سراءِ. ڇڙوچاند جو ٽيس. ليڪن منهنجي باس کي خوبصورت پتني ۽ آهي نه. منڙو پٽ ۽ اٽس. ڪمبخت ڪڏهن ۽ ڪين آفيس ۾ نه وئي آهي ... مان اڃا سوچي ئي رهيو هوس ۽ منهنجو نديءُ باس اچي ويو. اڄ ڏاڍي عجيب انداز سان آفيس ۾ گهڙيو، ڪلندو ڪيڪاريندو. اصل ۾ وٽان پٽيوالي سان ٽڪر ڇڇو ڪندو اندر گهڙيو. اسٽينوگرل ڏانهن ۽ جهڪي مرڪائين. اسان ٽنهي جون اکيون وڃي منجهس ڪتيون

اسٽينو گرل ۽ پٽيوالي کان کلندي پڇيو ڪ، "اڄ سڄ کڻڻي پاسي آيرہو آهي؟" پٽيوالي نديي باس ڏانهن ڏسندي چيو، "اڄ ۽ عيد جو چند نظر آيو آهي."

اسانجي آفيس خاص وڏي کانهي. وڏو باس، نديو باس، مان، ڇوکٽي اسٽينو گرل ۽ پٽيوالو. پر نديي باس کان سواءِ سڀ هڪٻئي سان اندرو گهاڻل مائل آهيون، جو شاديءَ غميءَ لي هڪٻئي جي گهر ۾ اچون وڃون. هڪڙو نديو باس ٻي، ڪڏهن ڪنهن کي نه گهرائي، نه ڪنهن وٽ اچي وڃي. هن اجنبي ٽي رهڻ چاهيو ٿي ۽ اسان ۾ ڪيس اجنبي ٽي رهڻ ڏنو. چا لاءِ سندس پنيان پران. آخر ۾ رڳو هيد ڪلارڪ آهي ۽ مونکان فقط سؤ ڪن پگهار مٿي اٿس. ڪوٽي رعب ڏيکاري ۽ گهر سکي هجي، هتي ٻڌيءَ ۾ پلا فرصت ڪنهن کي رکي آهي پنهنجائي وڌائڻ جي؟ هتي هرڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ هڪ وڏو ٽڪر لڳندو آهي، جنهن کي ٽاڪڻ لاءِ ڪيترائي ڏينهن پنهنجائي جي هٿوڙو هڻڻو پوندو آهي. پر نديي باس کي اڄ هينئن پنهنجائيءَ سان پاڻمرادو مرڪندو ڏسي، ساڻس گهاڻل مائل ٿيڻ لي دل هرکي وئي. موقعو ڏاڍي چيم، "اڄ ڏاڍا خوش پيا لڳو. ڪا خوشخبريءَ ٻڌڻ جا اسين ۾ حقدار ٿي سگهون ٿا؟"

نديو باس منهنجي منهن ۾ نهاري مرڪڻ لڳو. اڳين

لڳو ڪجھ چاڻ لاءِ پاڻ ۾ آڻو هو. هن خوش خوش ٽي چيو، "اڄ مان سچ پچ خوش آهيان. اصل ڏاڍو خوش آهيان." اهو ٻڌندي اسٽينو، ٻڍيوالي کي چيو، "چار چاءِ پاس کي شان ۾ آ جائين."

ليڊي پاس ڪاوڙيو ڪونہ، ٽکي منهن گهمائي ڪلي چيائين، "ها تورا پيڙا نہ ڪائي ونو." اسانکي لڳو اسانجي ڪٽنب جو پاڻي اڄ سفر تان گهر موٽيو آهي.

وڏي پاس جي اچڻ ۾ اڃا ڪلاڪ ڪن جي دير هئي. اسان سڀني خوشخبري ٻڌڻ لاءِ ليڊي پاس طرف ڪن ڪيو. ليڊي پاس ڪر موڙي ٻانهون ڦهلائي چيو، "پس اڄ قيد مان آزادي ملي ويئي."

مون چيو، "قيد نہ توهان صاحبن پاڻيهي پاڻ کي ڏنو هو..."

ڪنڌ لوڏي چيائين، "نيڪ، ٻلڪل نيڪ، قيد مون پاڻيهي پاڻ کي ڏنو هو ۾ اڄ هيڊ و ۾ري هوريولي مان آيو آهيان نہ ۽ دل ڏاڍي خوش آهي."

مون پنهنجي روزالي لنبي سفر کي ياد ڪندي چيو، "هاءِ ڙي اياڳا پاڳ! ۾رهل مان اُڀي هوريولي وڃي وينا آهيو نہ وڏيڪ خوش ٿيا آهيو..."

"هولڊ و ڪوئي رومانس." اسٽينو شرطيو.

پاس لڇاري ڪلي چيو، "پاڻي انهان هڪ پيرو ٽي رومانس ڪيو ۽ بدواس ٿڳيوسين. ليڪن هاڻي بدواس

چمات هئي ۽ مان گهر ڇڏي آيس ۽ دنيا جي نظر ۾ گنهگار ٿيڻ پيس. پنهنجي جيجل ۽ تيسين جي ۽ ۾ جاءِ نه پيئي ڏٺيم، جيسين نوڪري ڪري ڪيس ڪمائي نه ڏنم. آفيس ۾ نه سڏ ٿيئي، ڪيئن نه، هرڪنهن شخص جي اشاري بازي ۽ جو شڪار ٿي آهيان. هو مونسان ڪلندا ڳالهائيندا آهن نه ۽ ائين لڳندو آهي نه هنڪي مون لاءِ نفرت آهي. ائين ڇو آهي؟ مون آخر ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

لتا جي آواز ۾ هيئڙ جوش ۽ لرزش هئي- "ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان، هي ڪهڙو سرشتو آهي؟ ڪنهن استري ۽ جا خيال پنهنجي پتي ۽ سان لتا نهڪن نه هوءَ پيو جيون ساٿي نه پائي نٿي سگهي. ۽ سال ٿي ويا ائين، اها تمنا پوري نه ٿي آهي. جنهنڪي جيون ساٿي ٻڌائڻ چاهيان سو ماضي ۽ جي زندگي ۽ ڏاڍهن اشارو ڪريم. ٿوهين مرد ڪهڙا نه عجيب آهيو..."

ڪن رکي رومال سان اکيون اگهي چيائين، "هاڻي ٿون گهر وڃ. نچاڻان هيتري وقت ۾ تنهنجي دل گهٽا پيرا گهر جي چوڏاري چڪر هڻي آئي هوندي..."

مان اڻي ڪڙو ٿيس. چيومانس، "ٿون نه گهر ويندين نه؟"

"ها گهر ته ويندس ئي، پر اڃي ڪير آهي جو تنهنجي ڏال والگر انتظار ڪندو هجي." ائين چئي لتا سرير کي ينچ ئي ائين ليٽائي ڇڏيو جڻ ٽٽل ٽاري هئي. مان اڃي وڌيڪ وقت ترسي نه سگهيس.

ٻئي ڏينهن بڌم ته لتا استعفا آهي.

# قـــبـــد

اڄ ڪيترن ڏينهن کانپوءِ مس مس آفيس ۾ سوال پهتو هوس. سمجهيم، منهنجو نند ۽ باس اڄ مونکي سويل آيل ڏسي، ضرور خوش ٿيندو. پر منهنجي عجب جي حد ئي نه رهي، جڏهن ڏٺم، نديءَ باس جي ڪرسي اڄا خالي پيئي هئي. هونءَ نه هو سدائين سويل ايندو آهي ۽ دير سان ويندو آهي. دل ۾ چوندو آهيان، هو مونکان ڪيترو نه خوش نصيب آهي! گهر مان نڪري ۽ مونکان دير سان ۽ پهچي ۽ مونکان اڳ. ڏاڍو ويجهو اٽس هنجو گهر! پر منهنجو گهر آهي، ڪوه پري، ڪلياڻ ڪئمپ ۾. سو ۽ پيءُ ماءُ جو گهر آهي، پائرن جو گهر آهي، پينرن جو گهر آهي. مون لاءِ تہ رڳو راڻ سمهڻ جي مهمان سراءِ. ڇڙوچاند جو ٽيس. ليڪن منهنجي باس کي خوبصورت پتني ۽ آهي نہ منڙو پٽ ۽ اٽس. ڪمبخت ڪڏهن ۽ ڪين آفيس ۾ نہ وڃي آهي ... مان اڄا سوچي ئي رهيو هوس ۽ منهنجو نديءَ باس اچي ويو. اڄ ڏاڍي عجيب انداز سان آفيس ۾ گهڙيو، ڪلندو ڪيڪاريندو. اصل ۾ وٽان پٽيوالي سان ٽئي چرچو ڪندو اندر گهڙيو. اسٽينوگرل ڏانهن ۽ جهڪي مرڪائين. اسان ٽنهي جون اکيون وڃي منجهس ڪتيون

منهن قيري ائين ٽڪڙو ٽڪڙو پچندو هوس، جڙ گهٽيءَ جي موڙ وٽ ڪو ماڻهو مون لاءِ ٽرسيو ويندو آهي. پنهنجي ٻن کي اڌڙي ڪٽي گهٽ ٻوسات ڏانهن جو ڳالهه ڪرڻ جي ناهي. هروقت اهوئي ڊپ هو ته ڪٽي راز نه ظاهر ٿي ٻوي، پٽ نه واهکي ئي وڃي.

"اُف! ڊپ ٻ ڇا ته ماجرا آهي. ڊپ جا هي ٻ سال ڏ الائي ڪيئن گذريا آهن. آهه... هڪ خسيس اڃهي لاءِ ڇا ڇا نه ڪرڻو پيو؟ الائجي ڪيئن ڪڙو ڪڙو ڪري پگهار مان پگڙيءَ جا پئسا گڏ ڪري، نئين جڳهه هٽ ڪئي اٿر؛ مس وڃي اُنهيءَ قيد مان ڇوٽڪارو حاصل ٿيو آهي..." چوندي چوندي هنجي دل ڀرجي آئي.

آسانجي دل ٻ پگهرجي ويئي. اسين مات ڏي مات ٻڌي، من ۾ پنهنجي ٻاس لاءِ ٽاهيل راين جي قيد کي ٽوڙڻ ۾ مصروف ٿياسين.

# "پيار نہ ڪپبس"

درٻي ڪڙڪو ٿيو تہ دل ذرا ڌڙڪي ويئي. راڻا جا نوَ لڳي ويا هئا؛ مون روڻي ڪائي، ۽ چار اوڳاڙيون ڏيئي سمهڻ جون تياريون پئي ڪيون. ويچاري ماءُ ڪا پوئي پڙهي ايشور ڪي مون لاءِ آڏيون نيزاريون ڪري رهي هئي.

مان دل جهلي در کوليان، ان کان اڳ در ۾ ڪيل جاسوسي ٽوڪ مان جهاڳي پائي ڏٺم تہ متان ڪو رامن راگهوَ جو چيلو نہ هجي. پر ٽوڪ مان باهر بينل شڪل ڏسي ڊوڙلدو وڃي ماءُ کي چيم، "اڙي ايشور ٽنهنجي آراڌنا اڪهائي آهي."

هن غصي ۾ اچي چيو، "ماريا، توکي نہ سڃو وقت روڻشو لڳو پيو آهي. پراڻنا ۽ ڀنگ ۽ وڃهي ڇڏ! وري ٽئين سر پراڻنا ڪرڻي پوندي."

"اڙي وڏيڪ پراڻنا جي ضرورت نہ اٿيئي. ايشور جي دربار ۾ ٽنهنجي وينتي قبول ٿيئي آهي. هو آيو آهي!" مان ٻڪساهي چوندو ويس تہ ڇڏدو نہ پئي ويس.

"ماريا ڪير آيو آهي، جو هيئن ٻيو نچين؟"

"اڙي هو هوٽلھار سالو شريف آهي؟"

"هان... جلد ڪر وڃي در کوليس."

مان در کولڻ ويس ۽ ماڻھو ري ۽ پراڻا ۽ مڪو ٽي ويڻي، "هي ايشور، منھنجي سکيلڏي ٻڙي جو نصيب کول. ھن جي گھٽ ۽ وڃھ ڏ ھو پنھنجي ڏيءَ ڏيڻ قبول ڪن. سڳيءَ جو گھر سائو ڪر."

مون در کولي، ھنکي خوب کيڪاريو. چيومانس اندر اچ. پر ھن کنڊ ڏوڙي چيو، "بابا ھيٺ ٻيٽو آھي. مٽي ۽ ماڙا چڙھي نڏو سگھي. ٽوھان کي ڪوٽي وينو. مھرباني ڪري جلد ھلو."

"اندر ڏ اچو نہ."

"نہ نہ، مان ھلان ٿو. ٽوھين ھيٺ اچجو."

"چڱو، ٽوھين ھلو ڏ مان ڪپڙا مٽي اچان ٿو،" چئي مون ڪمري ۽ اندر اچي ماڻھ کي فلڪ سان چيو، "آڻي ڏ ھلبل پيتيءَ تي. مون جھڙو خانداني ڪمائيندڙ چوڪرو ٻئي ڪٽان ونڊي ڏ موڻن. چيومانءَ ڏ ھو ري ۽ ٽنھنجي در جي اڇي سلاءِ ي ۽ پريندا. ھيڏي وڏي، عمر واري چوڪري پلا ٻيو ڪٽي اڳھامندن؟ ھيٺ پٽس پاڻ ٻيٽو آھي."

"اڙي، ماريا، اھا منھنجي ايشور جي ڪرپا اليڻي، جنھن ليٺ منھنجي ٻڌي آھي. وڏي سڪا ٻاسي آڻمانس. نہ ڏ ٿو ٽنھنجو موڪيه ڏٽي."

"آڇا، هي تنهنجو ايشور، تڏهن ڪانگريس سرڪار ڪان ۽ وڏيڪ رشوتخور چئبو. پوءِ هاڻي جيڪا رشوت ۽ ساسي آئٽيس، سا اڳي چوڻ ٿي ڪٽي ۽ سيس، جو هيتري پٽڪ ڪان چٽي پٽون هـا. گهٽيون چوڪريون ڏنيون اٿم. ڪا مونکي نه وڻي ته ڪنهن کي مان نه وڻـان. هيءَ شادي ته ڪانهي جڙ ڪا شاپنگ ڪرڻي آهي."

"چگو جلدي ڪپڙا بدلائي وڃ. زور ڪـري مٽي وڻي اچين."

مان جڻن جڻن ڪپڙا بدلائيندو ٿي ويس، ڏڻن ڏڻن منهنجي اکين آڏو، ڏنل چوڪريون هڪ هڪ ڪـي، سڻيما جي چترن وانگر قرڙ لڳيون.....

کي موڙا مڇڪا پيٽون ڏين ته کي نـاز نـخرا پيٽون ڪن. هو جيڪو ناڪاري جواب ڏيندين وڃن، منهنجي دل ۾ اُنجو جواب ٿهندو وڃي. جڻن ڪا چوي. "نه، عمر جو وڏو آهين." ته منهنجي دل چوي، "اُهي تو مڻن جوان هوُن. !

ڪا چوي: "چي..... قد جو چوٽو آهين."

منهنجي دل چوي: ٿون ڪهڙي سرو قد سندري آهين.

"اون... هون اڄ پڙهيل آهين."

ٿون ۽ ڪاليج پڙهين آهين تـ ڪهڙي ڪيپ ڪٽي اليٽي.

"آلا! فڪڙيءَ ۾ ڪڏهن آهين."
محبت ڪندڙ آهيان، تو وانگر ٽوٽ ٽپالي ناهيان.
"سا ري... سالورو آهين."
تون ڪهڙي حور پري لڳي آهين؟
"ف... ت... فشنبل ناهين؟"
برابر مان آمريڪي هپي ناهيان.
"روبسٽ هاڊي نه ايئين."
ها تو وانگر روز ملهه وڙهڻ جهڙي هاڊي نه آئر.
"ساد و سود و آهين."
ها، ٽونڊون ڪريلو ناهيان.
"شاهوڪار ٿي ڪونه آهين."
شاهوڪار ٿيڻ ۾ ڪهڙي فارسي آهي؟
"پرسنلٽي ۽ ڪاڻ ايندي."
برابر پنهنجي نمائش ڪرڻ نه ايندي آئر.

عجب نه هئن سڀني ڇوڪرين مان ڪنهن به ائين ڪونه چيو نه ڪيس رڳو هڪ پيار ڪندڙ پٽي ڪپي. غلطي منهنجي اها هئي، جو بابي جي جيڏي هوندي نه شادي ڪرڻ ڏاڍهن ڏيان ئي نه ڏنر. ۽ اڄ هن جي گذاري وڃڻ بعد، جڏهن مان زندگيءَ جون ۳۴ بهارون ماڻي چڪو هوس، تڏهن الاجي ڇو شاديءَ جي گهرج محسوس ٿيڻ لڳي هئر.

۽ اڄ اهـا پوري ٿيندي نظر اچـي رهي هئي.

منهنجي اکين اڳيان ڪلهوڪو نظارو ڦري ويو، جڏهن هڪ ٻيءَ ٻڌايو، منهنجي ٻاس کان منهنجي پگهار ۽ چال چلگت بابت پڇاڳاڇا ڪرڻ آيا هئا ۽ مولکي مڪمل جي پوشاڪ ۾ ڏسي ٻڌايائون ته ڏهلجي ويا هئا، پر پوءِ جڏهن مون پوشاڪ بدلائي، کين هوٽل ۾ چانهه پياري سڀني سڀ چٽائون ڏور ڪيون، ۽ کين خاطري ڏياريم ته ۴۰۰ رپيا ڪمائيندڙ آهيان ۽ اهي سڀ سڀائين پنهنجي ڪنوار اڳيان اُرداس رکندس ۽ گهر جي راڻي ڪري هر طرح سکي رکندو سانس، تڏهن وڃي کين آڻت آيو هو ته برابر سڀني چوڪري شينهن ڪلهي چڙهندي...

... ۽ هاڻ هو ٻڌي هيڏي رات جو شايد انڪري ئي آيا هوندا ته ڪٽي مون جهڙو سياڻهو ۽ خاندائي مرغو هٿن مان نه نڪري وڃين ۽ ضرور انڊوانس ڪنگ ڪرڻ چاهيندا هوندا.

مان سوت هوت پائي هيٺ لٿس. هن وٽ پهچي ڪڪاري چيم، "فرمايو، ڪهڙي آگيا آهي."

ٻڌي ٻيءَ ٻات اهو ٻڌي، ذرا ڪڪا وڪا ٿي ويا. نيٺ ٻيءَ ٻي ساهس ڪري پڇيو، "ٻات، تنهنجي ديکهه ڪٿي آهي؟"

هي عجيب سوال ٻڌي پهرين ته مان هڪ ٻڪو ٻي ويس ته هي وري ڪهڙو نئون رينگٽ شروع ٿيو آهي.

کٹي منهنجا آنسنا ۽ اُميدون، گيهه جـي دلي وانگر پٽ ٿـ نه اچي پوندا. پـر جلدي خنکيءَ سان وراٽيم، "مون پنهنجي ديکهه. ماءِ کاڌ ڏني آهي، پر سمجهان ٿو ٿـ اُها سادا ۽ فوت ٿيندي."

"پڪ،" پيءُ هود ۾ پرجي رڙ ڪئي.

"ماءِ کٽي پڪ ڪريو." مـون ۾ فلڪ سان جڏي ڏ نومانس، جيتوڻيڪ دل ٻڏي ٽـري ٻئي ٽـ ڪٽي منهنجي ديکهه، سادا ۽ فوٽن کان گهٽ نه ٿي ٻوي.

پيءُ چيو، "نه نه، پٽ." هو نه نه چوندو ٻـ پئي ويو ٿ پهنجين گرائٽن سان منهنجي ديکهه ماپيندو ٻ پئي ويو. مان اهـو ڏسي سڀ پڇ ڏنگ رهجي ويس. هيٽن عـام وهندڙ گهٽيءَ ۾ ٻيهي ڪو ماڻهو پنهنجي هوٽلهار نائيءَ جي ديکهه ويهي ماءِ، اهو ڪتان جـو دستور هو؟ ٻيو ڪو ماڻهو ڏسي وٽي ٿ؟؟ پهرين ٽـ دل ۾ آيو ٿ هڻي پيءُ جـي ڏيءُ کڻي هوندي. چو نه انڪار ڪري چڏيان. پر هٿي ٽـ ٻاڌيڪ ٻانهن لاءِ محتاج هو، سو دل ٽي دل ۾ سور پي ويس. پڇيوماس "ڪيٽن تسلي ٿيو؟"

"سادا ۽ فوٽن کان ٿ ڪجهه گهٽ ٽي لڳي،" پيءُ هيڪي هيڪي چيو ٿ متان مان ڪٽي غصي نه ٿيان. اهو ٻڏي منهنجي دل ٽوري ٻڏي ويئي. پـر يڪدم هيڏانهن هوڏانهن نهاري، مون ذرا ٽٽولي پرٽي نـوع

ہ چيو، "نرهين پيرسن آهيو، پٽ کي چڙو نہ چگيءَ طرح مايي ڏسي."

"نہ، نہ" چولدو وري نہ ٻيو ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي پٽ جو رومال ڪنديي اُن سان ماپ وٺڻ لڳو.

مون نہ سندس کيل ماپ ٻاهٻ ٻڌڻ کان اڳوات ئي، خندہ زنيءَ واري لهجي ہ چيو، "فوٽ ڪٽيءَ سان مايي ڏسو، فوٽ ڪٽيءَ سان..."

۽ ٻيو لڄي ٽيڙ بدران، سچ پچ پٽ کي چوڻ لڳو، "ڏس نہ ڪٽي پاسي ہ فوٽ ڪٽي ملندي هجي؟"

پٽ يڪدم گهٽيءَ مان نڪري رستي ڏانهن و ڇڻ لڳو ۽ پيءُ مونکي آهستي آهستي چوڻ لڳو، "پٽ هل نہ هوٽل ہ ڪجهہ ڊرنڪ نہ پيئون ۽ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪريون. معهنجي ڏيءُ جي ڊيگهہ سايا ۵ فوٽ آهي ۽ تنهنجي ڊيگهہ جي پڪ ڪرڻ لاءِ ئي هيڏي مهل اڇو پير آهي. بس فقط ڊيگهہ ئي هن جي فيصلي جو مدار آهي."

الاجي ڪيئن مان نہ چاهيندي ہ هن سان گڏ هلڻ لڳس. هن جو پٽ يڪدم ڪڙو ڪڙو ٽورو پريشان دڪان جي قطار وٽ وڃي ڏسي ڪري واپس آيو. چيائين، "فوٽ ڪٽيءَ وارو دڪان نہ بند آهي."

پيءُ يڪدم پٽ کي چيو، "هو ڏس سامهون درڙيءَ جو دڪان اڃا ڪليل اٿيئي. هن وٽ ٽيپ

ضرور هوندي. هنجي پرسان بجلي جو ٽنبو نہ لڳل آهي. اُن جي آڏار تي ماپ پڪي ڪري سگهبي."
وري مون کي مخاطب ٿي چيائين تہ "پٽ ڇا ڪجي؟ اڇلهه لڏين جو زمانو آهي، هوءَ ڏيکهه جي سوال تي پنڌ ڪري وينديءَ آهي. چوي تي تہ پنهنجي قد جهڙو فِٽ تي گهوٽ کپي، هڪ انچ گهٽ نہ هجي."

اهو ٻڌي منهنجي غيرت ٽڙکو کاڌو. جوان وچان سٽ سري ٻڌائي ڇڏيمانس، "ڪاڪا پنهنجي ڏيءُ کي ڪنهن سٻاڻي ۵ فوٽ فِٽ ٽيپي سان تي وڃي شادي ڪرايو. هنکي ڏيکهه کپي، پر پيار نہ کپيس."
اٿين چٽي مان ٽکڙو ٽکڙو گهر ڏانهن مونڌ لڳس.

---

**درستي:-** صفحہ ۲ تي پچاڙيءَ جي سٽ ۾ "نظر اچي تي" لفظن بدران "نظر نٿي اچي" لفظ ڪري پڙهڻ کپن.